ABC
CARTL

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 17 | سومر 02 نومبر 2026ع بمطابق 21 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 22

13 سالن تائين عوامي خدمت جي بجاءِ وڏا دعويٰ ڪيا ويا: وزيراعظم ڪي پي حڪومت جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ڇڏيا

پي ٽي آءِ حڪومتون بڻائين ته اين ايف سي ايوارڊ جي 800 ارب روپين مان ڪيترا سيف سٽي منصوبا قائم ڪيا ويا : شهباز شريف

دهشتگردي جي خاتمي واري اداري کي ڪيترو مضبوط بڻايو؟ واعدي موجب ڪيترا اسپتال، يونيورسٽي ۽ ڊيمز ٺاهيا ويا

خيبرپختونخواهه حڪومت 13 سالن تائين عوامي خدمت جي بجاءِ وڏا وڏا دعويٰ ڪيا، زهر اوڳاڇيو ويو، لانگ مارچ ۽ ڌرڻا هنيا ويا

وقت تي فيصلو نه ڪيو وڃي ها ته خيبرپختونخواهه کي وڏيڪ نقصان پهچي سگهيو ٿي، عوام، ملڪ، معيشت ۽ معاشرو بچائڻ جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ضروري هو

وزيراعظم خيبرپختونخواهه جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي خدمت جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار به ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ حڪومت جي خيبرپختونخواهه ۾ 13 سالن جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف پي ٽي آءِ حڪومت جي خيبرپختونخواهه ۾ 13 سالن جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. مسلم ليگ(ن) پارليامانی پارٽي کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پي ٽي آءِ حڪومتون بڻائين ته اين ايف سي ايوارڊ جي 800 ارب روپين مان ڪيترا سيف سٽي منصوبا قائم ڪيا ويا، دهشتگردي جي خاتمي واري اداري کي ڪيترو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

طالبان حڪومت دهشتگردي بابت اسانجي ڳالهه نه مڃي ته سخت نتيجا پوڳيندا: پاڪ فوج ترجمان

افغان طالبان حڪومت ڀارت جي ونگار وهندڙ آهي، افغانستان اجا تائين غير رياستي عنصرن جي هٿن ۾ آهي ۽ اها هڪ حڪومت نه پر هڪ ٽولو آهي

تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) ۽ بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) جهڙيون دهشتگرد تنظيمون به پاڪستان خلاف ڀارت جي ونگار وهندڙ آهن

ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي جو سڀ کان وڏو سرپرست آهي افغان طالبان پنهنجي ناپاڪ مقصدن لاءِ غير رياستي عنصرن ۽ ڀاڙي تي وڙهندڙ ويڙهاڪن کي استعمال ڪن ٿا

جيش العدل، القاعده ۽ اسلامڪ اسٽيٽ خراسان صوبي (آءِ ايس ڪي پي) جهڙيون عالمي دهشتگرد تنظيمون به افغانستان ۾ موجود آهن

افغانستان ۾ روسي مداخلت ڪانپوءِ ڪيترن ئي ڳجهن ادارن ۽ انهن جي ونگار وهندڙ ٽولن پنهنجا پير پختا ڪيا، جنهن جي نشاندهي گڏيل قومن، آمريڪا ۽ ڪيترائي ٻيا ملڪ ڪري چڪا آهن

پاڪستان افغان طالبان کان رڳو اهو مطالبو ڪري ٿو ته هو پاڪستان اندر دهشتگردن جي مدد ڪرڻ بند ڪن. افغان طالبان حڪومت نور ولي محسود، بشير زيب ۽ گل بهادر جهڙن دهشتگردن کي پناهه ڏيون ويٺي آهي

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته جيڪڏهن طالبان حڪومت دهشتگردي بابت پاڪستان جو موقف نه مڃيو ته ان کي ڳري قيمت ڀوڳڻي پوندي. برطانوي خبررساں اداري رائٽرز کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته افغان طالبان حڪومت ڀارت جي ونگار وهندڙ آهي، جڏهن ته افغانستان اجا تائين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

راولپنڊي: آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ملڪ سلطان محمود ملاقات ڪندي

سينيٽ چيئرمين پاران گلگت بلتستان جي عوام کي آزادي جي ڏهاڙي تي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني گلگت بلتستان جي 79 هين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

فرانس ۾ مهانگائي، تعليمي نظام جي صورتحال خلاف احتجاجي مظاهرا جاري

پيرس (م د) فرانس ۾ مهانگائي خاص طور تي ٻارڻ جي قيمتن ۾ اضافي ۽ تعليمي نظام ج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

گلگت بلتستان جي عوام جي پاڪستان سان محبت ۽ وابستگي سڄي قوم لاءِ فخر جوڳي آهي : اياز صادق

گلگت بلتستان پنهنجي جاگرافيائي اهميت ۽ قدرتي وسيلن سبب اهم حيثيت رکي ٿو

گلگت بلتستان ۾ علائقائي واپار ۽ سياحت کي هٿي ڏيڻ جا وسيع موقعا موجود آهن

گلگت بلتستان ۾ تعليم، صحت ۽ روزگار جي موقعن جي فراهمي پهرين قومي ترجيحن ۾ شامل آهن

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته پهرين نومبر 1947 / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پهرين نومبر 1947ع گلگت بلتستان جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ يادگار ڏينهن آهي: مراد علي شاهه

گلگت بلتستان جي عوام جون قربانيون، بهادري ۽ عزم اسان جي قومي تاريخ جو فخر جوڳو باب آهن

گلگت بلتستان پاڪستان جو اهم حصو ۽ قومي وحدت ۽ يڪجهتي جي خوبصورت علامت آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي حقدار شاگردن لاءِ 100 سيڪڙو اسڪالرشپس جو اعلان

اهي پنهنجي خاندانن، مقامي آبادين ۽ ملڪ جي ترقي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهن

ماري انرجيز جو اهو قدم خاص ڪري انهن علائقن جي نوجوانن لاءِ اهميت رکي ٿو

اسلام آباد (بيورو) ماري انرجيز تعليم کي هٿي وٺائڻ، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ ڏورانهن علائقن ۾ پائيدار سماجي ۽ معاشي ترقي جا موقع/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

گهريلو ڪنيڪشنن تي پابندي ۾ اڳتال مدي تائين واڌ

ڪراچي (رپورٽر) سوئي گئس ڪمپني گهريلو ڪنيڪشنن تي پابندي اڳتال مدي تائين وڌائي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ايران سان ڳالهيون سٽي مرحلي ۾ آهن: ٽرمپ

ايران معاهدو ڪري پوءِ ان تان ڦري وڃي ٿو، ڏسڻو آهي ته اهي ڪو معاهدو ڪن ٿا يا نه، اسان کي ڪا به جلدي ناهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان ڳالهيون سٽي مرحلي ۾ آهن. پر ايران تي وڌيڪ ڀروسو نٿو ڪري سگهجي. فلوريڊا / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پاڪستان جي 24 جي صدارت سنڀالي ورتي وزيراعظم طرفان خوشي جو اظهار

جي 24 (بين الحڪومتي گروپ آف ٽوئنٽي فور) ترقي يافته ملڪن جو هڪ بين الحڪومتي گروپ آهي : محمد اورنگزيب

جنهن جو مقصد عالمي مالياتي ۽ معاشي معاملن تي ترقي يافته معيشتن جي گڏيل مفادن جي نمائندگي ڪرڻ آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان عالمي مالياتي نظام ۾ ترقي يافته ملڪن جي موثر نمائندگي ۽ معاش/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

الجزائر جي عوام جي جرئت ۽ قربانيون اڄ به آزادي ۽ وقار کي عزيز رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ مشعل راهه آهن: صدر زرداري

پاڪستان نو آبادياتي حڪمراني خلاف الجزائر جي جدوجهد دوران ڀرپور انداز ۾ سنڌن ساٿ ڏنو

حڪومت کي پاڪستان پاران تسليم ڪرڻ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ گهري يڪجهتي ۽ ڀائراڻي لاڳاپن جو مظهر آهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: چيئرمين ڪي پي ٽي ائيرايڊمرل شاهد احمد سان ايم ڊي ڪراچي شپ يارڊ ايڊمرل سلمان الياس ملاقات ڪندي

حضرت درگاهه سٽيون ۽ حضرت شاهه جهندو رح جن جو ساليانو عرس مبارڪ

عرس مبارڪ ميلو ٺٽي شهر کان 5 ڪلوميٽر اتر طرف درگاهه سٽين جي آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

جنهن ۾ مختلف وراثتي پروگرامن سان گڏ مله ملاڪڙو شيدو خليفو، اميربخش شيدي، عنايت خاصخيلي، متارو شيدي، سارنگ موسي ملاح، ساگر موسي ۽ ٻين جي نگراني ۾ جاري رهيو

جتي ميلي جو افتتاح صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي درگاهه جي خليفن محمد انور شيخ ۽ ٻين سان گڏ درگاهه تي چادرون چاڙهي دعائون گهرڻ سان ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) حضرت درگاهه سٽيون ۽ حضرت شاهه جهندو رح جن جو ساليانو عرس مبارڪ ميلو ٺٽي شهر کان 5 ڪلوميٽر اتر طرف درگاهه سٽين جي آخري آرام گاهه تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، جنهن ۾ مختلف وراثتي پروگرامن سان گڏ مله ملاڪڙو شيدو خليفو، اميربخش شيدي، عنايت خاصخيلي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ڊاڪٽر موسي کي روائتي سنڌي اجرڪ پارائي رهيو آهي

اختلاف پنهنجي جاءِ تي، صوبي جي امن لاءِ گڏ ٿيڻو پوندو: فيصل ڪريم ڪنڊي

صوبي جي امن لاءِ سڀني کي گڏ ٿيڻو پوندو، خيبرپختونخوا جي امن ۽ ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو آهي

خيبرپختونخوا جي عوام دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن، صوبي جي هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن امن لاءِ شهادتون ماڻيون آهن

صوبي کي امن جو مرڪز بڻائڻ ۽ ان جو سٺو تشخص اجاگر ڪرڻو آهي، ٻارن ۽ نوجوانن کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته اختلاف پنهنجي جاءِ تي آهن، پر صوبي جي امن لاءِ سڀني کي گڏ ٿيڻو پوندو، خيبرپختونخوا جي امن ۽ ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. پشاور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

گلگت بلتستان جي تاريخ جدوجهد آزادي، بهادري ۽ قربانين سان عبارت آهي : فريال ٽالپر

گلگت بلتستان جي بهادر عوام ڊوگرا راج جي ظلم خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري آزادي جي شمع روشن ڪئي

هتان جي عوام جي پاڪستان سان محبت ۽ وابستگي هڪ اهڙو اٽوٽ رشتو آهي جيڪو نسل در نسل قائم آهي

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گلگت بلتستان ۾ ايف سي آر ۽ جاگيرداراڻي نظام جي خاتمي سميت تاريخي سڌارن جو بنياد رکيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي عورتن جي شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر گلگت بلتستان جي 79 هين يوم آزادي جي موقعي تي علائقي جي عوام سميت پوري قوم کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته گلگت بلتستان جي ب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي بندرگاهه تي پاڻ ۽ ڪٽڪ سان ڀريل ٻه سامونڊي جهاز پهچي ويا

بندرگاهه تي هڪ لک هڪ هزار ٽن درآمدي سامان جي هينڊلنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ 50 هزار ٽن ڊي اي پي پاڻ ۽ 51 هزار ٽن ڪٽڪ شامل آهي

ٻن سامونڊي جهازن جي هڪ ئي وقت هينڊلنگ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي آپريشنل صلاحيت جو ثبوت آهي : جنيد انور چوڌري

بندرگاهن جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ۽ سامان جي هينڊلنگ جي صلاحيت بهتر ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي بندرگاهه تي پاڻ ۽ ڪٽڪ سان ڀريل ٻه سامونڊي جهاز پهچي ويا، ٻنهي جهازن کي ترجيحي بنيادن تي لنگر انداز ٿيڻ لاءِ برٿ فراهم ڪئي وئي. ڪراچي پورٽ جي ترجمان موجب بندرگاهه تي هڪ لک هڪ هزار ٽن درآمدي سامان جي هينڊلنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ 50 هزار ٽن ڊي اي پي پاڻ ۽ 51 هزار ٽن ڪٽڪ شامل آهي، جڏهن ته ڪٽڪ جي هينڊلن/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

آمريڪا پاڪستان کي دهشتگرد حملن جو نشانو بڻجندي نٿو ڏسي سگهي: مارڪو روبيو

پاڪستان مسلسل افغانستان جي زمين تان ٿيل دهشتگرد حملن تي ڳڻتي جو اظهار ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو موقف آهي ته افغان طالبان پنهنجي زمين تان پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي روڪڻ جي لاءِ موثر قدم ناهن کنيا

دهشتگردي واري معاملي تي پاڪستان جي سيڪيورٽي خدشن ۽ موقف جي آمريڪي حمايت جي طور تي ڏٺو پيو وڃي

واشنگٽن (م د) آمريڪا افغانستان کان پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي جي معاملي تي پاڪستان جي خدشن جي حمايت ڪندي واضح ڪيو آهي ته آمريڪا پاڪستان کي دهشتگرد حملن جو نشانو بڻجندي نٿو ڏسي سگهي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي ۾ ڏينهن جي وقت گرمي جو سلسلو برقرار رهڻ جو امڪان

ايندڙ ٽن ڏينهن دوران وڌ کان وڌ گرمي پد 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو

گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 21 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جڏهن ته وڌ کان وڌ گرمي پد 37 ڊگري تائين وڃڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڏينهن جي وقت گرمي جو سلسلو برقرار رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته ايندڙ ٽن ڏينهن دوران وڌ کان وڌ گرمي پد 3/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي پورٽ تي پاڻ ۽ ڪٽڪ سان ڀريل ٻه سامونڊي جهاز پهچي ويا

ٻنهي سامونڊي جهازن ذريعي مجموعي طور تي هڪ لک هڪ هزار ٽن درآمدي ڪارگو آندو ويو

بندرگاهه تي ٻنهي جهازن مان درآمدي سامان جي هينڊلنگ جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پورٽ تي پاڻ ۽ ڪٽڪ سان ڀريل ٻه سامونڊي جهاز پهچي ويا آهن. جن کي ترجيحي بنيادن تي برٿ فراهم ڪندي ڪارگو / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

شيرازي هائوس ٺٽي ۾ هلال احمر جي اڳواڻ حاجي حنيف ميمڻ جي ڪوشش سان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي

آغا خان اسپتال ڪراچي ضياءُ الدين اسپتال ڪراچي ۽ سرهندي اسپتال ڪراچي جي مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو مفت معائنو ڪري ڪين دوائون ڏنيون

سڀ کان وڌيڪ ٻارڙن عورتن توڙي مردن ۾ معدي جي بيمارين سميت چمڙي جي اسڪيبيز بيماري جا مريض زياده ڏٺا ويا آهن

جنهن جو سبب موسم ۽ ماحول جون حالتون ۽ غير معياري پاڻي جي فراهمي توڙي غربت جو سبب آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) شيرازي هائوس ٺٽي ۾ هلال احمر جي اڳواڻ حاجي حنيف ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام عباس جي ڪوشش سان هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ آغا خان اسپتال/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

12 ضلعن لاءِ 30 کان 40 ارب رپين جي ضرورت آهي: آءِ جي

12 ضلعن ۾ چئن ڪيٽيگريز تي ڊيٽا ڏنو ويو آهي، جن ۾ جديد هٿيار، ڊرون ۽ ٻيو سامان بنيادي ترجيح آهن

انهن ضلعن ۾ سيف سٽي منصوبا مڪمل ڪرڻ تي پڻ ڊيٽا ڏنو پيو وڃي

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي آءِ جي ذوالفقار حميد چيو آهي ته 12 ضلعن ۾ پوليس جي ضرورتن لاءِ 30 کان 40 ارب رپين جي گهرج آهي. / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

بنگلاديش ۾ ڊينگي بخار سبب فوتگيون 418 تي وڃي پهتيون

ڍاڪا (م د) بنگلاديش ۾ ڊينگي بخار سبب فوتگيون 418 تي وڃي پهتيون آهن ۽ ماهرن خبردار ڪيو / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

جرمني جي شهر فرينڪفرٽ ۾ مهانگائي ۽ وڌندڙ خرچن خلاف وڏي پيماني تي پرتشدد مظاهرا

برلن (م د) جرمني جي شهر فرينڪفرٽ ۾ مهانگائي ۽ وڌندڙ خرچن خلاف وڏي پيماني تي / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پارٽ کان ايندڙ هوائون فضائي معيار خراب ڪن پيون : مريم اورنگزيب

فضائي گدلاڻ گهٽائڻ لاءِ نگراني، روڪٿام ۽ ميداني سطح تي قانون لاڳو ڪرڻ جون ڪارروايون جاري آهن

پيچڪڙين تي ٽن صنعتي يونٽن کي سيل ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، 16 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو

سرن جا چار ڀٽا ڊاهي پٽ ڪيا ويا، اٺن کي سيل ڪيو ويو ۽ چئن ڀٽن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا

غير معياري پلاسٽڪ فيڪٽرين خلاف ڪارروائين دوران 178 هنڌن جو معائنو ڪيو ويو

لاهور (م د) پنجاب جي سينيئر وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته لاهور ۾ هوائن جي رفتار گهٽ هجڻ ۽ ڀارت کان ايندڙ هوائن سبب فضائي معيار خراب ٿي رهيو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته فضائي گدلاڻ گهٽائڻ لاءِ نگراني، روڪٿا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: پي اي سي سنڌ جي وائيس چيئرمين مختيار شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

حيدرآباد ۾ مبينه پوليس مقابلو هڪ جوابدار مارجي ويو ٻه ڇڙا فرار

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ويجهو هوسڙي پوليس سان مبينه مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڄامشورو ۾ ٽي ساله ٻارڙو پاڻي ۾ ٻڏي فوت، لاش هٿ

حيدرآباد (رپورٽر) ڄامشورو ٽول پلازه وٽ پاڻي ۾ ٻڏي ويل ٽن سالن جي ٻار جو لاش اڄ ڏينهن رفحان ملز ڪوٽڙي وٽ پاڻي مان هٿ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ايف بي آر آڪٽوبر ۾ هدف کان گهٽ ٽيڪس گڏ ڪيو

هلندڙ مالي سال جي پهرين چئن مهينن دوران ايف بي آر 4 هزار 89 ارب رپيا ٽيڪس گڏ ڪيو

سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 440 ارب 80 ڪروڙ ۽ ڪسٽمز ڊيوٽي جي مد ۾ 118 ارب 60 ڪروڙ رپيا گڏ ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) آڪٽوبر ۾ هڪ هزار 64 ارب رپين کان وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪيو ايف بي آر جي دستاويز موجب/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سعودي عرب جي پرڏيهي وزير جي جرمني، فرانس، جاپان ۽ برازيل جي پرڏيهي وزيرن سان ملاقاتون

اٽلانٽا (م د) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان اٽلانٽا ۾ جي 20 اجلاس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: اورنگي ٽائون ۽ بلال ڪالوني ۾ پوليس مقابلا، 3 ڇڙا مارجي ويا

بلال ڪالوني ۾ مبينا مقابلي دوران 2 ڇڙا مارجي ويا، جن وٽان هٿيار، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ

سپرهاءِ وي تي فقيرا ڳوٺ ۾ گهر اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت ۽ مرد فوت ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ٻن مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران 3 ڇڙا مارجي ويا. پوليس موجب بلال ڪالوني ۾ مبينا مقابلي دوران/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سهيل راجپوت جي سي يونيورسٽي ۾ نئين ڪيمپس ڪلينڪ جو افتتاح ڪيو

ڪيمپس ڪلينڪ جو قيام شاگردن، استادن ۽ يونيورسٽي ملازمن کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ڏانهن اهم ورڪ آهي : مظهر علي خان

يونيورسٽي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته ڪيمپس ۾ محفوظ، مددگار ۽ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر محمدسهيل راجپوت گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي حيدرآباد ۾ قائم ڪيل نئين ڪيمپ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

حيدرآباد: محتسب اعليٰ سنڌ سهيل راجپوت جي سي يونيورسٽي ۾ نئين ڪيمپس ڪلينڪ جو افتتاح ڪندي

غيرت جي نالي تي زال ۽ سندس دوست قتل

مارجي ويلن جي سڃاڻپ جميله زال ايوب ۽ مهر علي پٽ دادو طور ڪئي وئي آهي

واقعو غيرت جي نالي تي پيش آيو، جتي جوابدار ايوب مبينا طور فائرنگ ڪري پنهنجي زال ۽ سندس دوست کي قتل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سپرهاءِ وي واري علائقي فقيرا ڳوٺ جي پريشان چوڪ پرسان گهر اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت سميت ٻه ڄڻا مارج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي جي علائقي سپرهاءِ وي، فقيرا ڳوٺ پريشان چوڪ ويجهو گهر ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ عورت ۽ نوجوان فوت

ڪراچي (رپورٽر) شهر قائد جي علائقي سپرهاءِ وي، فقيرا ڳوٺ پريشان چوڪ ويجهو گهر ۾/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪي پي جي چونڊيل قيادت جي گمشدگي بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن: حليم عادل شيخ

احتساب سڀني جو هڪجهڙو ٿيڻ گهرجي، آئين ۽ قانون جي حڪمراني بحال ڪئي وڃي: حليم عادل شيخ

هڪ صوبي جي ساڍن چئن ڪان پنج ڪروڙ عوام جي چونڊيل وڏي وزير، اسپيڪر ۽ پاڪستان جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت جي صوبائي صدر جو ڪٿي به پتو ناهي

دهشتگردي خلاف وڏي آپريشن جون تياريون ڪيون پئي ويون، پر اڃا تائين ڪا واضح ڪارروائي نظر نه پئي اچي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال بابت پنهنجي اهم وڊيو بيان ۾ چيو آهي ته هڪ صوبي جي ساڍن چئن ڪان پنج ڪروڙ عوام جي چونڊيل وڏي وزير، اسپيڪر ۽ پ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

مهانگائي، دهشتگردي ۽ لاقانونيت عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: ڪاشف سعيد شيخ

ديانتدار قيادت ئي سنڌ سميت ملڪ کي موجوده بحران مان ڪڍي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي

ڪرپٽ، مفاد پرست قيادت پاڪستاني سياست کي بند گهٽي ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي، ڏيهي توڙي پرڏيهي مسئلا ڊائلاگ ۽ حڪمت عملي سان نبيري سگهجن ٿا

طاقت هر مسئلي جو حل ڪونه آهي، وڏي وزير مراد علي شاهه پاران سنڌ حڪومت جو 31 شهرن جي ماسٽر پلان تي ڪم ڪرڻ جي دعويٰ سٺي ڳالهه آهي

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته مهانگائي، دهشتگردي ۽ لاقانونيت عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اٿي، ڪٽڪ کان وينڊي سولر پليٽن تائين پ پ سنڌ جي سڃاڻ ڪرپشن ڪري ڇ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 02 نومبر 2026 ع بمطابق 21 جمادي الاول 1448ھ

مهانگائيءَ جو بار ۽ حڪمرانن جون ذميواريون

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي عوام جي زندگيءَ کي جنهن ڏکي صورتحال ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، تنهن جو اندازو رڳو انگن اکرن ۽ حڪومتي بيانن مان نٿو لڳائي سگهجي، پر عام ماڻهوءَ جي گهر جي بجيٽ، بازار مان خريداري، بجلي ۽ گئس جي بلن، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ روزمره جي ضرورتن مان لڳائي سگهجي ٿو. اڄ ملڪ جو پورهيت، مزدور، هاري، وچولو طبقو ۽ پگهاردار ماڻهو وڌندڙ خرچن جي ڪري سخت پريشان آهي. کاڌي پيتي جي شين کان وٺي پيٽرول، بجلي، گئس، دوائن ۽ ٽرانسپورٽ تائين هر شيءِ جي قيمتن ۾ واڌ عوام جي معاشي سگهه کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن حڪمرانن جا بيان سامهون اچن ٿا ته عوام جي مهانگائي بابت شڪايتون درست آهن، پر موجوده مهانگائيءَ جو ذميوار حڪومت نه پر آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آهي، تڏهن اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ملڪ جي سمورن معاشي مسئلن جي ذميواري ڪنهن ٻئي ملڪ يا عالمي اڳواڻ تي وجهي سگهجي ٿي؟

وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُ الله جو اهو بيان ته موجوده مهانگائيءَ ۾ حڪومت جو نه پر ٽرمپ جو قصور آهي، پنهنجي جاءِ تي عالمي حالتن ڏانهن اشارو ضرور آهي، پر حڪومتي ذميوارين کان مڪمل ڇوٽڪاري جو جواز نٿو بڻجي سگهي. حقيقت اها آهي ته عالمي جنگين، تيل جي عالمي منڊيءَ ۾ اٿل پٿل، سامونڊي واپاري رستن جي بندش ۽ توانائيءَ جي فراهميءَ ۾ رڪاوٽن جا اثر پاڪستان جهڙي درآمدات تي پاڙيندڙ ملڪ جي معيشت تي پون ٿا. ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ، هرمز آبنائي جي صورتحال ۽ قطر کان گئس جي فراهميءَ ۾ رڪاوٽون به پاڪستان جي توانائيءَ جي ضرورتن ۽ معيشت تي اثرانداز ٿي سگهن ٿيون. پر انهن عالمي مسئلن کي ملڪ اندر مهانگائيءَ جي هر سبب جو واحد ذميوار قرار ڏيڻ درست ناهي.

حڪومت جو ڪم رڳو عالمي صورتحال بيان ڪرڻ يا جنگ بنديءَ لاءِ ڪيل سفارتي ڪوششن جو ذڪر ڪرڻ نه، پر پنهنجي ملڪ جي عوام کي معاشي بحران جي اثرن کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ به آهي. جيڪڏهن عالمي جنگ سبب پيٽروليم شين جون قيمتون وڌن ٿيون ته حڪومت کي گهرجي ته عوام تي ان جو گهٽ کان گهٽ بار منتقل ڪري، غيرضروري سرڪاري خرچ گهٽائي، ٽيڪس نظام ۾ انصاف آڻي، ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوريءَ خلاف ڪارروائي ڪري ۽ بنيادي ضرورتن وارين شين جي اگهن تي ضابطو رکي. آخرڪار حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو اصل معيار بيان نه، پر عوام کي ملندڙ رليف ۽ سندن زندگيءَ ۾ ايندڙ بهتري آهي.

رانا ثناءُ الله پنهنجي خطاب ۾ اهو پڻ چيو آهي ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ روڪڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير به ان سلسلي ۾ ڪوششون ڪري رهيو هو. يقيناً خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ پاڪستان جو سفارتي ڪردار اهميت رکي ٿو. جنگ ڪنهن به ملڪ يا خطي جي مفاد ۾ ناهي، ڇاڪاڻ ته جنگ جا اثر رڳو جنگ ڪندڙ ملڪن تائين محدود نٿا رهن، پر سڄي دنيا جي معيشت، واپار، توانائي ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پون ٿا. پاڪستان لاءِ به ضروري آهي ته هو پنهنجي پاڙيسري ملڪن ۽ عالمي طاقتن سان لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکي ۽ هر ممڪن سفارتي ڪوشش ذريعي خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏئي. پر سفارتي ڪاميابين جو فائدو تڏهن ئي عوام تائين پهچي سگهي ٿو، جڏهن انهن سان گڏ معاشي پاليسين ۾ بهتري آندي وڃي.

حڪومتي صلاحڪار جو اهو چوڻ به اهم آهي ته ايران سان جنگ ختم ٿيڻ ۽ هرمز آبنائيءَ جي صورتحال معمول تي اچڻ کان پوءِ ملڪ جي معيشت بهتر ٿيندي ۽ پيٽرول جون قيمتون گهٽجي سگهن ٿيون. قطر سان گئس جي معاهدي تحت فراهميءَ جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. پر عوام کي رڳو مستقبل جي اميدن تي نٿو ڇڏي سگهجي. حڪومت کي واضح ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن عالمي حالتون بهتر ٿين ٿيون ته پيٽرول، گئس ۽ بجليءَ جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جو فائدو عوام تائين ڪهڙي طريقي سان پهچايو ويندو. ماضيءَ ۾ به عالمي منڊيءَ ۾ تيل سستو ٿيڻ باوجود ڪيترن ئي موقعن تي عوام کي ان تناسب سان رليف نه ملي سگهيو آهي، تنهنڪري هن ڀيري به حڪومتي اعلانن بدران عملي قدمن جي ضرورت آهي.

ملڪ جي معاشي بحران جو هڪ وڏو سبب اندروني انتظامي ڪمزوريون، بدانتظامي، ڪرپشن، ٽيڪس چوري، غيرپيداواري خرچ ۽ معاشي پاليسين ۾ عدم تسلسل پڻ آهن. عام ماڻهوءَ کان ٽيڪس ۽ بلن جي صورت ۾ هر ممڪن وصولي ڪئي وڃي ٿي، جڏهن ته بااثر طبقن کي ملندڙ مراعتن ۽ رعايتن بابت سوال اڄا تائين موجود آهن. جيڪڏهن حڪومت واقعي معاشي سڌارا آڻڻ چاهي ٿي ته سڀني طبقن تي هڪجهڙو معاشي بار وجهڻ بدران امير ۽ طاقتور طبقن کي به سندن وسيلن ۽ آمدنيءَ مطابق ذميوار بڻائڻو پوندو. زراعت، صنعت، واپار ۽ روزگار جي موقعن کي هٿي ڏيڻ کان سواءِ معيشت کي مضبوط ڪرڻ ممڪن ناهي.

مهانگائيءَ جو سڀ کان وڌيڪ اثر انهن ماڻهن تي پوي ٿو جن جي آمدني محدود ۽ خرچ مسلسل وڌندڙ آهن. هڪ مزدور جي روزاني مزدوري، هڪ سرڪاري يا خانگي ملازم جي پگهار ۽ هڪ ننڍڙي دڪاندار جي آمدنيءَ جو مقابلو مارڪيٽ ۾ وڌندڙ قيمتن سان ڪيو وڃي ته معاشي تڪليف جي اصل تصوير سامهون اچي ٿي. بجليءَ جا ڳرا بل، ٻارن جي اسڪولن جون فيسون، علاج جا خرچ ۽ کاڌي پيتي جون مهانگيون شيون عام خاندانن کي قرض کڻڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ عوام کي سياسي بيانن بدران عملي رليف، روزگار جا موقعا ۽ بنيادي سهولتون گهرجن.

حڪومت کي گهرجي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ عالمي گهٽتائيءَ جو فائدو فوري طور عوام تائين پهچائڻ لاءِ واضح پاليسي جوڙي، بجلي ۽ گئس جي بلن ۾ عام ۽ هيٺين وارن طبقن کي رعايت ڏئي. کاڌي پيتي جي شين جي اگهن تي اثرائتو ضابطو آڻي ۽ غريب توڙي وچولي طبقي لاءِ مهانگائيءَ جي اثرن کي گهٽائڻ جا قدم کڻي. ان سان گڏ سرڪاري خرچن ۾ ڪفايت شعاري، ٽيڪس چوريءَ جي روڪٿام ۽ معاشي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ به ضروري آهي.

حڪمرانن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام جي برداشت جي به هڪ حد هوندي آهي. عوام حڪومت کان اهو مطالبو نٿو ڪري ته عالمي جنگيون يا عالمي منڊيءَ جون حالتون سندس اختيار ۾ آڻي، پر عوام جو حق آهي ته حڪومت پنهنجي اختيارن اندر رهندي کيس تحفظ، سهولت ۽ معاشي رليف فراهم ڪري. عالمي حالتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، پر انهن جي آڙ ۾ ملڪي انتظامي ناڪامين ۽ معاشي پاليسين جي ذميواريءَ کان به بچي نٿو سگهجي. ٽرمپ هجي يا ڪا ٻي عالمي طاقت، پاڪستان جي عوام جي چونڊيل ۽ حڪومتي قيادت جي بنيادي ذميواري پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي مهانگائيءَ جي عذاب کان بچائڻ آهي. عوام کي بيانن، وضاحتن ۽ مستقبل جي واعدن بدران اهڙا فيصلا گهرجن، جن سان سندن گهر جو چلهو ٻري، ٻارن جي تعليم جاري رهي، علاج ممڪن ٿئي ۽ زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون سندن پهچ ۾ رهن. حڪومت لاءِ هاڻي اصل امتحان اهو آهي ته هو عالمي حالتن جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ پنهنجي اندروني ذميوارين کي به پورو ڪري ۽ مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي حقيقي رليف فراهم ڪري.

دوحا ۾ ڳالهيون: ڇا آمريڪا ۽ ايران جنگ جي خاتمي تي متفق ٿي سگهندا؟

غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا جون نظرون هڪ ڀيرو ٻيهر وچ اوڀر تي ڪتل آهن، جتي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ لاءِ سفارتي ڪوششون تيز ٿي رهيون آهن. قطر جي گاديءَ واري شهر دوحا ۾ ٿيندڙ ڳالهيون خطي ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ هڪ اهم ڪوشش قرار ڏنيون پيون وڃن. ڪيترن ئي مهينن کان جاري ڇڪتاڻ، فوجي ڪارروايون، ڌمڪين ۽ جوابي بيانن کان پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هاڻي اهم سوال اهو آهي ته ڇا آمريڪا ۽ ايران پنهنجا اختلاف هڪ پاسي رکي اهڙي معاهدي تي پهچي سگهندا، جيڪو نه رڳو جنگ جا خطرا گهٽائي پر سڄي خطي کي پائيدار امن ڏانهن وٺي وڃي؟

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اختلافن جي تاريخ ڪيترن ئي ڏهاڪن تي پکڙيل آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد جي کوٽ، ايران جو جوهري پروگرام، معاشي پابنديون، خطي ۾ اثر رسوخ ۽ وچ اوڀر جي سلامتي هميشه تڪرارن جا اهم سبب رهيا آهن. آمريڪا ايران جي جوهري پروگرام کي پنهنجي ۽ پنهنجن اتحادي ملڪن جي سلامتيءَ لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب قرار ڏئي ٿو، جڏهن ته ايران جو موقف آهي ته ڪيس پنهنجي پرامن جوهري پروگرام ۽ قومي خودمختياريءَ جا حق حاصل آهن. انهن اختلافن سبب ڳالهين جي ڪاميابيءَ جو رستو ڏکيو بڻجي سگهي ٿو.

دوحا ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو مقصد رڳو ٻنهي ملڪن وچ ۾ موجود فوري ڇڪتاڻ گهٽائڻ نه آهي، پر انهن بنيادي معاملن تي به ڳالهه ٻولهه ڪرڻ آهي، جن جي حل کان سواءِ خطي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ڏکيو هوندو. ايران چاهي ٿو ته مٿس لاڳو ڪيل معاشي پابندين ۾ نرمي ڪئي وڃي، سندس تيل جو واپار بحال ڪيو وڃي ۽ عالمي واپاري نظام تائين رسائي ڏني وڃي. ٻئي طرف آمريڪا ايران جي جوهري پروگرام بابت واضح خاطريون چاهي ٿو. جيڪڏهن ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي خدشن کي سمجهي ڪنهن قابل قبول حل تي پهچن ٿا ته اهي ڳالهيون نئين سفارتي دور جي شروعات بڻجي سگهن ٿيون.

هن تڪرار ۾ قطر جو ڪردار به خاص اهميت رکي ٿو. قطر ماضيءَ ۾ مختلف ملڪن وچ ۾ سفارتي رابطا قائم ڪرڻ ۽ وچ ۾ پئي ڇڪتاڻ گهٽائڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو آهي. دوحا ۾ ڳالهين جي ميزباني ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته خليجي ملڪ به نٿا چاهين ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اختلاف وڌيڪ شدت اختيار ڪن. ڇو ته جنگ جو پکڙجڻ رڳو ايران يا آمريڪا لاءِ نقصانڪار نه هوندو، پر سڄي خليجي خطي جي معيشت، سلامتي ۽ واپار کي متاثر ڪري سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ به آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهيون غير معمولي اهميت رکن ٿيون. پاڪستان جي سرحد ايران سان ملي ٿي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تاريخي، مذهبي، واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپا موجود آهن. ٻئي طرف پاڪستان جا سعودي عرب، گڏيل عرب امارتن، قطر ۽ ٻين خليجي ملڪن سان به ويجها لاڳاپا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جي خواهش آهي ته خطي ۾ امن قائم رهي ۽ ڪو به اهڙو تڪرار پيدا نه ٿئي، جيڪو پاڙيسري ملڪن جي لاڳاپن کي متاثر ڪري.

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ اهم پهلو اهو رهيو آهي ته علائقائي تڪرارن کي ڳالهين ذريعي حل ڪيو وڃي. پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجن قومي مفادن کي سامهون رکندي سڀني لاڳاپيل ملڪن سان متوازن لاڳاپا برقرار رکي. جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي يا ڪو مستقل معاهدو ٿي وڃي ٿو ته ان جا مثبت اثر پاڪستان تي به پئجي سگهن ٿا. سرحدي واپار، علائقائي رابطن، توانائيءَ جي منصوبن ۽ معاشي سهڪار جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا.

هن ڇڪتاڻ جو هڪ اهم پاسو آبنائي هرمز به آهي، جيڪا عالمي واپار ۽ تيل جي پهچائڻ لاءِ انتهائي اهم سامونڊي گذرگاهه آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کي تيل ۽ گئس جي فراهميءَ ۾ هن رستي جو بنيادي ڪردار آهي. جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ٿي ۽ هن اهم سامونڊي رستي تي واپاري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون وڌي سگهن ٿيون. ان جو اثر ترقي پذير ملڪن تي وڌيڪ پوندو، ڇاڪاڻ ته انهن جون معيشتون اڳ ئي مهانگائي، قرضن ۽ توانائيءَ جي وڌندڙ خرچن جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيون آهن.

پاڪستان به تيل جي درآمد تي پاڙي ٿو. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل مهانگو ٿيڻ جي صورت ۾ پاڪستان جي درآمدي خرچن ۾ واڌ ٿيندي، جنهن سبب رپئي جي قدر، بجليءَ جي پيداوار، ٽرانسپورٽ ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي قيمتن تي دٻاءُ وڌي سگهي ٿو. عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائيءَ سبب سخت پريشان آهن. اهڙين حالتن ۾ خطي اندر جنگ يا واپاري رستن جي بندش پاڪستان جي معيشت لاءِ وڌيڪ مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ڪري پاڪستان سميت خطي جا ٻيا ملڪ چاهين ٿا ته اختلافن جو حل طاقت بدران ڳالهين ذريعي ڪيو وڃي.

هتي هڪ ٻيو اهم سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا آمريڪا ۽ ايران هڪ ٻئي تي اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟ ماضيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڳالهيون ٿيون، معاهدا ڪيا ويا، پر اختلافن سبب انهن تي عمل ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيدا ٿيون. تنهن ڪري ڪنهن به نئين معاهدي لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ واضح شرطون، تصديق جا طريقا ۽ عملدرآمد لاءِ اثرائتو نظام موجود هجي. رڳو بيانن ۽ عارضي خاطرين سان اهڙا پيچيده تڪرار حل نٿا ٿي سگهن.

وچ اوڀر جا ٻيا ملڪ به انهن ڳالهين جي نتيجن تي گهري نظر رکي ويٺا آهن. سعودي عرب، قطر، گڏيل عرب امارتون ۽ ترڪي سميت خطي جا ڪيترائي ملڪ چاهين ٿا ته جنگ جا خطرا گهٽجن ۽ معاشي سرگرميون معمول تي اچن. خطي ۾ امن هوندو ته سيڙپڪاري وڌندي، واپار کي هٿي ملندي ۽ عوام لاءِ بهتر مستقبل جا موقعا پيدا ٿيندا. ان جي ابتڙ مسلسل ڇڪتاڻ ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿي.

آمريڪا ۽ ايران کي اها حقيقت به تسليم ڪرڻي پوندي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو مستقل حل ناهي. فوجي طاقت ذريعي عارضي برتري حاصل ڪري سگهجي ٿي، پر پائيدار امن رڳو سياسي فيصلن، هڪ ٻئي جي احترام ۽ سفارتي سهڪار سان قائم ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ٻئي ملڪ پنهنجن پنهنجن موقفن ۾ ڪجهه لچڪ پيدا ڪن ۽ هڪ ٻئي جا بنيادي خدشا تسليم ڪن ته ڪو قابل قبول رستو نڪري سگهي ٿو.

دوحا ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رڳو آمريڪا ۽ ايران تي نه، پر انهن سڀني ملڪن جي سهڪار تي به آهي، جيڪي خطي ۾ امن جا خواهشمند آهن. قطر جي وچ ۾ پئي ڪردار، پاڪستان جون سفارتي ڪوششون ۽ ٻين علائقائي ملڪن جو سهڪار هن عمل کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پر ڪنهن به معاهدي لاءِ ضروري آهي ته ان جون شرطون واضح هجن ۽ سڀئي ڌريون سنجيدگيءَ سان انهن تي عمل ڪن.

اڄ دنيا کي نئين جنگ جي نه، پر امن جي ضرورت آهي. وچ اوڀر اڳ ئي ڪيترن ئي تڪرارن ۽ بحرانن مان گذري چڪو آهي. وڌيڪ ڇڪتاڻ لکين انسانن جي زندگين، عالمي معيشت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل کي متاثر ڪري سگهي ٿي. آمريڪا ۽ ايران جي اڳواڻن کي سمجهڻ گهرجي ته ڳالهين ۾ ڪاميابي ڪنهن هڪ ملڪ جي شڪست يا ٻئي جي فتح نه، پر خطي جي عوام لاءِ امن، تحفظ ۽ خوشحاليءَ جو رستو آهي.

جيڪڏهن دوحا ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ڪنهن مثبت نتيجي تي پهچن ٿيون ته اهو رڳو آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ لاڳاپن جي بهتري نه هوندي، پر سڄي خطي لاءِ هڪ نئين اميد بڻجي سگهي ٿي. پاڪستان به ان امن واري عمل مان فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ خطي ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ معاشي سهڪار جي اڳتي وڌائڻ جا موقعا حاصل ڪري سگهي ٿو. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته دوحا جي سفارتي ميز تان امن جو ڪو نئون رستو نڪري ٿو يا اختلاف هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهين جي ڪوششن کي ڏکيو بڻائين ٿا. دنيا کي اميد آهي ته هن ڀيري جنگ بدران امن کي ترجيح ڏني ويندي، ڇاڪاڻ ته جنگين ۾ رڳو عمارتون تباهه ناهن ٿينديون، پر انسانن جا خواب، خاندانن جون خوشيون ۽ قومن جو مستقبل به برباد ٿيندو آهي.

عهدو خدمت لاءِ يا ملڪيت ٺاهڻ لاءِ!!

رياض احمد سومرو

اڄڪلهه جڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڇوڪرو سي ايس ايس پاس ڪري ٿو ته ماڻهو ان کي رڳو هڪ گهر جي ڪاميابي نه، سڄي ڳوٺ جي عزت سمجهن ٿا. مٺايون ورهايون وڃن ٿيون، ڍول وڄندا آهن، ۽ ماءُ پيءُ کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ ڏور ڏور کان ماڻهو ايندا آهن. اها خوشي بلڪل جائز آهي، ڇو ته هي امتحان واقعي ڏکيو آهي. پر ٿورن سالن کانپوءِ ساڳيو ڳوٺ، ساڳيءَ معصوميت سان، هڪ سوال ڪري ٿو ته اسان جو اهو ڪامورو اسان لاءِ ڇا ڪري سگهيو؟ ۽ ان سوال جو جواب اڪثر خاموشي ۾ ملي ٿو.

ان خاموشي کي سمجهڻ لاءِ پهرين ان ڍانچي کي ڏسڻو پوندو جنهن ۾ اسان جو ڪامورو ڪم ڪري ٿو. برصغير ۾ سول سروس جي جڙ نوآبادياتي دور ۾ آهي، جڏهن انگريز پنهنجي هندستاني سول سروس کي حڪومت جو "اسٽيل فريم" چوندا هئا. يعني اهو ڍانچو جنهن تي سڄي حڪمراني بيٺل هئي. ان جو مقصد رعيت جي خدمت نه، پر حڪمراني جي گرفت مضبوط ڪرڻ هو. 1947 کانپوءِ نالو بدليو ۽ سي ايس پي بڻيو، 1973 ۾ سڌارن ذريعي سي ايس پي ڪيڊر ختم ٿيو ۽ سول ملازمن جا ڪجهه آئيني تحفظ به گهٽايا ويا، پر ڪلچر گهڻو ڪري اهو ئي رهيو. اڄ به ڪاموري جي ڪاميابي هن ڳالهه سان ماپي ويندي آهي ته مٿين ماڻهن جي نظر ۾ هو ڪيترو قابل اعتماد آهي، ان سان نه ته هي ملڪ ۽ عوام جو ڪيترو خدمتگار ٿيندو.

حقيقت اها آهي ته هڪ نوجوان ڪامورو جيڪو ڏکيو امتحان ۽ تربيت پوري ڪري اچي ٿو، سندس اصل امتحان پوسٽنگ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. جيڪڏهن هو سياسي دٻاءَ کي نٿو مڃي ته سندس بدليون ٿي سگهن ٿيون، پر جيڪڏهن "سمجهه وارو" ٿي هلي ته ترقي به سولي ۽ جاءِ به مناسب!. اهڙي ماحول ۾ ايمانداري هڪ قيمتي عيش بڻجي وڃي ٿي، ۽ رشوت خوري گهڻو ڪري لالچ بدران بچاءَ جو رستو. اها ڳالهه رشوت خوري جو عذر نه آهي، پر جيڪڏهن اسان ان کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ته ان جي پاڙ سمجهڻ ضروري آهي.

هن سلسلي ۾ ٻين ملڪن جو تجربو به سبق ڏئي ٿو. برطانيه ۾ 1854 ع ۾ هڪ رپورٽ جنهنجو نالو هينئر ياد نه ٿو پوي، ان اصول تي بيٺل هئي ته سرڪاري نوڪري سفارش بدران قابليت ۽ مقابلي تي ملڻ گهرجي، ۽ ان مان جديد سول سروس جو تصور جڙيو. سنگاپور وارن سرڪاري ملازمن جي تنخواهه کي خانگي شعبي جي ويجهو رکي ۽ ڪارڪردگي کي ترقي سان ڳنڍي رشوت خوري جي گنجائش گهٽائي. اسان جي پاڙيسري هندستان ۾ آءِ اي ايس آفيسر کي ڪنهن مخصوص رياست جي ڪيڊر ۾ مقرر ڪيو وڃي ٿو ۽ هو گهڻو وقت ان ئي رياست ۾ ڪم ڪري ٿو، تنهن ڪري کيس اتان جي مسئلن ۽ ماڻهن سان واقفيت ٿئي ٿي. اهي مثال سمجهڻ لاءِ ضروري زير غور آڻڻ گهرجن، ته ٻين ملڪن ۾ ڪامورن ۽ علائقي جي وچ ۾ ناتو ڪيئن مضبوط ڪيو ويندو آهي. صرف اهي ئي مثال ڪافي نه آهن، سڌريل ملڪن جي ڪامورا شاهي نظام تي پڻ نظر وجهڻ ضروري آهي.

اسان وٽ صورتحال ڪجهه مختلف آهي. وفاقي سروس جو ڪامورو سنڌ ۾ ڪم ڪري ٿو ته به سندس ڪيريئر جو فيصلو اسلام آباد ۾ ٿئي ٿو ۽ صوبائي سروس جي ڪاموري جي تقدير صوبائي سياسي قيادت جي هٿ ۾ هوندي آهي. هڪ کي مٿان کان دٻاءُ آهي ته ٻئي کي پاسي کان، ۽ انهن جي وچ ۾ پيڙهجي ٿو عام ماڻهو. ارڙهين ترميم صوبن کي اختيار ته ڏنا، پر انهن اختيارن کي هلائڻ وارو انتظامي ڍانچو اڃا گهڻو ڪري پراڻي نموني تي ئي بيٺل آهي. اهم سوال اهو آهي ته جيڪڏهن صوبن جي ماتحت جيڪي محڪما آهن ۽ جيڪي وفاق جي ماتحت محڪما آهن. انهن ۾ ڀيٽ ڪجي ته انتظامي طور ڪارڪردگي ڪنهن جي بهتر آهي ۽ انهن کي پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ اختيارات ڪيترا ۽ ماحول ڪهڙو مليو آهي.

اڄڪلهه نون صوبن جو بحث به گرم آهي. اسٽيبلشمينٽ جي ڌر چوي ٿي ته ننڍيون انتظامي اڪايون حڪومت کي شهرين جي ويجهو آڻينديون. جڏهن ته سنڌ حڪومت بظاهر ته ان جي مخالفت ڪري رهي آهي، پر پيپلز پارٽي جيئن ته فيڊريشن ۾ يقين رکي ٿي ۽ انهن جي اقتدار جي حوس جي هڪ الڳ تاريخ آهي. تنهن ڪري ڪجهه قوم پرست پارٽين يا سنڌ جي گهڻ گهرين ۽ نوجوانن سميت سندن نيت ۽ پاليسين تي يقين ناهي. سنڌ ۾ هاڻي هڪ لچڪ آئي آهي ته ڪجهه ڌريون چون ٿيون ته جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ کي سنڌو ديش جو نعرو ڳرو ٿو لڳي ۽ اهي ملڪ سان سچا آهن ته ڀلا صوبن کي انهن جو حق ۽ خود مختياري ئي ڏيو. انهن کي هڪ ٻئي تي اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا ته پوءِ شايد نئين نظام جي ضرورت ئي نه پوندي. پر هڪ ڳالهه سڀني کي تسليم ڪرڻ گهرجي، صوبو وڏو هجي يا ننڍو، جيڪڏهن انتظام هلائڻ وارا ماڻهو عوام لاءِ جوابدار نه هوندا، ته نقشي تي لڪير ڪڍڻ به ڇڪجي، مسئلا ساڳيا رهندا. اصل بحث نقشي کان وڌيڪ انتظام جي معيار تي ٿيڻ گهرجي.

هتي ڪڏهن ڪڏهن "قومي غيرت" جو طعنو به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته فلاڻو ڪامورو ٿيو ۽ ڳوٺ وساري ويٺو. مان ان کي انصاف نٿو سمجهان. سول ملازم جو بنيادي فرض آئين ۽ قانون تي عمل آهي ۽ غيرجانبداري ان جو بنياد. تنهن ڪري ڪانئس سياسي ميدان ۾ لهڻ جي توقع ڪرڻ مناسب نه آهي، پر هي توقع بلڪل جائز آهي ته هو قانون جي دائري ۾ رهي پنهنجي ضلعي ۽ صوبي جي مسئلن کي صحيح نموني اپاري، ترقياتي ڪمن ۾ ايمانداري ڏيکاري ۽ پنهنجي سطح تي عملي حل پيش ڪري. يقيناً سڀ ڪامورا هڪ جهڙا ناهن، اڄ به ڪجهه ڪامورا ايمانداري سان ڪم ڪري رهيا آهن. ۽ ان حقيقت کي نظر انداز ڪرڻ سڄي برادري سان ظلم ٿيندو. پر جڏهن اڪثريت جو رويو سڄي سروس جي ساک کي متاثر ڪري، تڏهن ان تي ڳالهائڻ به سماجي ذميواري بڻجي وڃي ٿو

ان ڪري وقت اچي ويو آهي ته حڪومت ۽ سول سروس جا ادارا پنهنجو قبلو درست ڪن ۽ جامع پاليسين تي آئين جي دائري اندر رهي سختي سان عمل درآمد ڪرائين. ڪامورا شاهي جي خدشن ۽ تحفظات، جهڙوڪ پوسٽنگ ۽ بدلي جا شفاف ضابطا ٺاهيا وڃن، جيئن انهن کي سياستدانن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ذاتي پسند ۽ نا پسند جي تابع هجڻ جو خوف نه هجي، بلڪ چونڊيل حڪومت ۽ عوام جي خدمت لاءِ مقرري ڪري کين ٽارگيٽ ڏنا وڃن ۽ جيڪو آفيسر سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري انهيءَ کي انعام ڏنو وڃي ۽ خراب ڪارڪردگيءَ تي سزا طور سندس پروموشن ۽ سهولتون گهٽايون وڃن. ان لاءِ هر افسر کي ڪنهن مقرر مدت کان اڳ هٽائڻ تي پابندي هجي. ۽ هر ضلعي ۽ اداري سطح تي سندس ڪارڪردگي جا نتيجا عوام اڳيان رکيا وڃن. وفاقي ۽ صوبائي سروسز جي وچ ۾ ڪم جي ورڇ ۽ تجربي جي تبادلي جو اهڙو نظام ٺهي جنهن ۾ آئين جي حدن جو احترام هجي.

آخر ۾ سوال اهو ناهي ته افسر سنڌي آهي يا پنجابي، پختون آهي يا بلوچ. سوال اهو آهي ته جڏهن هو ڪرسي تي ويهي ٿو ته ڪرسي جي سامهون بيٺل ماڻهو کيس پنهنجو خدمتگار سمجهن ٿا يا نه؟ افسرشاهي کي حڪومتي ضابطن ۽ قانونن تحت اهو باور ڪرائجي ته ڪرسي امانت آهي اوهان جي ملڪيت ناهي، ۽ جنهن ڏينهن اهو احساس عام ٿيو ان ڏينهن ڪرپشن گهٽبي ۽ جڏهن صوبا خود مختيار هوندا ۽ سندن حق تلفي جي شڪايت ختم ٿيندي ته نون صوبن ٺهڻ جو بحث به بي معنيٰ ٿي ويندو، سو اصل مسئلو نيت ۽ اجاداريءَ بدران وفاداريءَ جو آهي.

بقايا *** 01

غير رياستي عنصرن جي هٿن ۾ آهي ۽ اها هڪ حڪومت نه پر هڪ ٽولو آهي. هن چيو ته تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) ۽ بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) جهڙيون دهشتگرد تنظيمون به پاڪستان خلاف ڀارت جي ونگار وهندڙ آهن. جڏهن ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي جو سڀ کان وڏو سرپرست آهي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري وڌيڪ چيو ته افغان طالبان پنهنجي ناپاڪ مقصدن لاءِ غير رياستي عنصرن ۽ پاڙي تي وڙهندڙ ويڙهاڪن کي استعمال ڪن ٿا. سندس چوڻ هو ته افغانستان ۾ روسي مداخلت کانپوءِ ڪيترن ئي ڳجهن ادارن ۽ انهن جي ونگار وهندڙ ٽولن پنهنجا پير پختا ڪيا. جيش العدل، القاعده ۽ اسلامڪ اسٽيٽ خراسان صوبي (آءِ ايس ڪي پي) جهڙيون عالمي دهشتگرد تنظيمون به افغانستان ۾ موجود آهن. جنهن جي نشاندهي گڏيل قومن، آمريڪا ۽ ڪيترائي ٻيا ملڪ ڪري چڪا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستان افغان طالبان کان رڳو اهو مطالبو ڪري ٿو ته هو پاڪستان اندر دهشتگردن جي مدد ڪرڻ بند ڪن. افغان طالبان حڪومت نور ولي محسود، بشير زيب ۽ گل بهادر جهڙن دهشتگردن کي پناهه ڏيون ويٺي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪرڻ لاءِ ٽولا افغانستان مان اچن ٿا ۽ کين اتان ئي هٿيار فراهم ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن طالبان حڪومت دهشتگردي بابت پاڪستان جو موقف نه مڃيو ته ان کي ان جي ڳري قيمت ڀوڳڻي پوندي. ڊي جي آءِ ايس پي آر وڌيڪ چيو ته افغان طالبان حڪومت جي عالمي سطح تي ڪا به ساک ناهي. عالمي برادري افغان طالبان کي هڪ عام رياست وانگر ذميوار رويو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ۽ کين منشيات جي پوک ۽ پيداوار بند ڪرڻ لاءِ پابند بڻائي. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪ فوج افغانستان جي حڪومت طرفان پيدا ٿيندڙ سمورن خطرن، جن ۾ بنا پائليٽ وارا جهاز (ڊرون) به شامل آهن، کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿي.

بقايا *** 02

ع جو ڏينهن گلگت بلتستان جي تاريخ جو درخشان باب آهي. گلگت بلتستان جي عوام بي مثال جرئت، عزم ۽ قربانين سان ڊوگره راڄ کان آزادي حاصل ڪئي. پنهنجي مبارڪن واري پيغام ۾ قومي اسيمبلي چيو ته گلگت بلتستان جي عوام جي پاڪستان سان محبت ۽ وابستگي سڄي قوم لاءِ فخرجوڳي آهي. تحريڪ آزادي ۾ حصو وٺندڙ غازين ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته گلگت بلتستان پنهنجي جاگرافيائي اهميت ۽ قدرتي وسيلن سبب اهم حيثيت رکي ٿو. سردار اياز صادق چيو ته گلگت بلتستان ۾ علائقائي واپار ۽ سياحت کي هٿي ڏيڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. گلگت بلتستان جي ترقي ۽ خوشحالي پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي آهي. سردار اياز صادق چيو ته گلگت بلتستان ۾ تعليم، صحت ۽ روزگار جي موقعن جي فراهمي ڀرين قومي ترجيحن ۾ شامل آهن. گلگت بلتستان ۾ سيڙپڪاري ۽ سياحت کي هٿي ڏيڻ سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا. اسپيڪر چيو ته گلگت بلتستان جي عوام کي قومي ڌارا ۾ ڀرپور طريقي سان شامل ڪرڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي. پارليامينٽ ملڪ جي سمورن علائقن جي برابر ترقي، عوام جي ڀلائي ۽ معاشي ترقي لاءِ ڪردار ادا ڪندي رهندي. سردار اياز صادق گلگت بلتستان جي ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 03

ي حقن جي تحفظ لاءِ بين الحڪومتي گروپ آف ٽوئنٽي فور(جي 24) جي صدارت سنڀالي ورتي. جي 24(بين الحڪومتي گروپ آف ٽوئنٽي فور) ترقي يافته ملڪن جو هڪ بين الحڪومتي گروپ آهي. جنهن جو مقصد عالمي مالياتي ۽ معاشي معاملن تي ترقي يافته معيشتن جي گڏيل مفادن جي نمائندگي ڪرڻ آهي. جي 24 ۾ پاڪستان ۽ ڀارت کان علاوه الجزائر، ارجنٽائن، برازيل، ڪولمبيا، جمهوريه ڪانگو، آئيوري ڪوسٽ، ايڪواڊور، مصر، ايٿوپيا، گبون، گهانا، گوئٽي مالا، ايران، ڪينيا، لبنان، ميڪسيڪو، مراڪش، نائيجيريا، پيرو، فلپائن، سريلنڪا ۽ وينزويلا شامل آهن. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب سربراهي سنڀالڻ کي هڪ وڏي ذميواري قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ترقي يافته معيشتن جي اجتماعي آواز مضبوط بنائڻ ۽ عالمي مالياتي نظام کي تبديل ٿيل معاشي حالتن کان هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. هن چيو ته ترقي يافته معيشتن جو مستقبل عالمي معيشت جي مستقبل کان ڌار ناهي پر انهي جو بنيادي حصو آهي. ايندڙ ۽ ترقي يافته معشين ۾ سرمائيڪاري، جدت، ڪاروبار ۽ عالمي ترقي کي اڳيان وڌائڻ جي بي پناهه صلاحيت موجود آهي. ناڻي واري وزير جي 24 جي سربراهي لاءِ پاڪستان جي 3 اهم ترجيحات جو اعلان ڪيو. محمد اورنگزيب چيو ته عالمي معاشي پاليسين ۾ ترقي کي مرڪزي حيثيت ڏني ويندي. معاشي استحڪام کي سرمائيڪاري، پيداواري صلاحيت، روزگار جا موقعا ۽ گڏيل خوشحالي جي بنياد بنائڻ ضروري آهي ته جيئن ترقي يافته ۽ گهٽ آمدني وارا ملڪ پائيدار معاشي ترقي طرف وڌي سگهن. ناڻي واري وزير موجب پاڪستان عالمي ادارن ۾ ترقي يافته ملڪن جي وڌيڪ موثر ۽ منصفانه نمائندگي جي لاءِ آواز اٿاريندو. انهي سلسلي ۾ فيصلا سازي ۾ معنيٰ جوڳي شرڪت، مساوي حڪمراني ۽ بريٽن ووڊز ادارن کي ميمبر ملڪن جي تبديل ٿيندڙ ضرورتن ۽ زميني حقيقتن موجب وڌيڪ موثر بنائڻ تي زور ڏنو ويندو. محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان جي ٽئين ترجيح ترقي تي ٻڌل عالمي مالياتي نظام کي اڳيان وڌائڻ آهي جنهن جي تحت سستي ۽ وقت تي ترقياتي قرضن جي فراهمي، قرضن جي پائيدار حل، عالمي مالياتي تحفظ جي نظام کي مضبوط بنائڻ، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۽ سرڪاري، نجي سرمائيڪاري ۾ اضافي تي ڌيان ڏنو ويندو. ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جو مقصد اهو يقيني بنائڻ آهي ته ترقي يافته معيشتن جي بي پناهه صلاحيت اهڙي عالمي مالياتي نظام جي ڪري محدود نه ٿئي جيڪا تبديل ٿيندڙ دنيا جي گهرجن موجب مڪمل طور تي پاڻ کي تبديل ڪرڻ ۾ اڃان تائين ڪامياب نه ٿي سگهيو.

بقايا *** 04

ڄ لائن جي هول تي لڳل ڍڪ پاڻي سان ڀريل ڳري واٽر ٽينڪر جو وزن برداشت نه ڪري سگهيو، جنهن سبب ٽينڪر روڊ تي الٽي پيو حادثي ۾ ٽينڪر جو ڊرائيور معمولي زخمي ٿي پيو. جڏهن ته ٽينڪر مان وڏي مقدار ۾ پاڻي وهڻ سبب روڊ تي پاڻي جمع ٿي ويو حادثي جي سي سي ٽي وي فوٽيج به سامهون اچي وئي آهي، جنهن ۾ واٽر ٽينڪر کي هڪ گهٽي مان نڪري مکيه شاهراهه ڏانهن ايندي ڏسي سگهجي ٿو فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ٽينڪر جو اڳيون ڦيٿو سيوريج لائن جي هول تي چڙهندو آهي، جنهن سبب ان تي رکيل ڳرو ڍڪ پنهنجي جاءِ تان هلي ويندو آهي بعد ۾ جيئن ئي ٽينڪر جو پوئين ڦيٿو سيوريج لائن جي هول تي پهچندو آهي ته ڍڪ پنهنجي جاءِ تي برقرار نه رهي سگهيو ۽ ڳرو پرڪم واٽر ٽينڪر توازن وڃائي روڊ تي الٽي پيو حادثي جي نتيجي ۾ ٽينڪر ۾ موجود پاڻي روڊ تي پکڙجي ويو، جنهن سان اتي تلاءُ جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي، جڏهن ته ڊرائيور کي معمولي زخم رسيا واقعي جي سامهون آيل فوٽيج شهر ۾ سيوريج لائنن جي ڍڪڻ ۽ شهري انفرااسٽرڪچر جي مضبوطي ۽ سار سنڀال حوالي سان سوال اٿاري ڇڏيا آهن

بقايا *** 05

هن چيو ته خيبرپختونخوا جي عوام دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن. صوبي جي هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن امن لاءِ شهادتون ماڻيون آهن. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صوبي کي امن جو مرڪز بڻائڻ ۽ ان جو سٺو تشخص اجاگر ڪرڻو آهي. ٻارن ۽ نوجوانن کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. هن چيو ته دهشتگردي جي لهر دوران هر طبقي جا ماڻهو متاثر ٿيا، جڏهن ته اسڪولي ٻارن به هن جنگ ۾ شهادتون ڏنيون. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي صوبي جو هڪ مثبت تشخص اڳيان آڻڻو آهي، جڏهن ته هتي امن جي بحالي اسان جي پهرين ترجيح آهي.

بقايا *** 06

گ جو عمل پڻ جاري آهي. وفاقي وزير بحري معاملن جنيد انور چوڌري چيو آهي ته ٻن سامونڊي جهازن جي هڪ ئي وقت هينڊلنگ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي آپريشنل صلاحيت جو ثبوت آهي. ضروري شين جي بروقت فراهمي خوراڪ جي تحفظ لاءِ انتهائي ضروري آهي. جڏهن ته بندرگاهن تي سامان جي هينڊلنگ جي صلاحيت وڌائڻ حڪومت جي ترجيح آهي. ڪي پي ٽي جي چيئرمين ريٽائر ايڊمرل شاهد احمد موجب ڪراچي بندرگاهه ملڪ جي واپار ۽ سپلاءِ چين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. بندرگاهن جي بنيادي ڍانچي کي جديد بڻائڻ ۽ سامان جي هينڊلنگ جي صلاحيت بهتر ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي.

بقايا *** 07

ڪراچي ضياءُالدين اسپتال ڪراچي ۽ سرهندي اسپتال ڪراچي جي مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو مفت معائنو ڪري کين دوائون ڏنيون. ان موقعي تي ڊاڪٽر غلام عباس پون ڪمار ۽ ٻين ڊاڪٽرن توڙي ڊاڪٽرياڻين ٻڌايو ته 2 هزار کان مٿي مريضن جو معائنو ڪري کين مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون آهن هنن ٻڌايو ته سڀ کان وڌيڪ ٻارڙن عورتن توڙي مردن ۾ معدي جي بيمارين سميت چمڙي جي اسڪيبيز بيماري جا مريض زياده ڏٺا ويا آهن جنهن جو سبب موسم ۽ ماحول جون حالتون ۽ غير معياري پاڻي جي فراهمي توڙي غربت جو سبب آهي هنن ٻڌايو ته سمورن مريضن کي چڪاس ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون آهن ٻئي طرف ريڊ ڪريسنٽ ۽ هلال احمر ضلعي ٿي جي اڳواڻ حاجي حنيف ميمڻ ٻڌايو ته ڊاڪٽر غلام عباس جي سهڪار سان هي مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي آهي جنهن جو مقصد غريب بيمار مريضن کي فائدو فراهم ڪرڻ آهي ۽ اهو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا *** 08

آهي ته وبا وڌيڪ ڪجهه عرصي تائين جاري رهي سگهي ٿي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ مطابق بنگلاديش ۾ آڪٽوبر دوران ڊينگي سبب فوتگين جو انگ هلندڙ سال جي ماهوار بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. ماهرن خبردار ڪيو آهي ته ڊسمبر کان اڳ ان وبا جي شدت ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. بنگلاديش جي صحت واري وزارت جي انگن اکرن مطابق 30 آڪٽوبر تائين ان وبا جي نتيجي ۾ 418 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن ۽ 133000 کان وڌيڪ مريضن کي اسپتالن ۾ داخل ڪرايو ويو آهي. رڳو آڪٽوبر جي مهيني ۾ 173 ماڻهو فوت ٿيا آهن.

بقايا *** 09

پرتشدد مظاهرا ٿيا آهن. فرينڪفرٽ ۾ مجريل مظاهرو ڪندڙن هنگامي دوران ڪيترن ئي دڪانن ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ پوليس سان ڇڪريون به ٿيون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق فرينڪفرٽ کان علاوه برلن، ڪولون ۽ هيمبرگ ۾ به تشدد جا واقعا پيش آيا آهن. جرمن پوليس جو چوڻ آهي ته انهن مظاهرو ڪندڙن کي ڇوڙڇڙ ڪرڻ لاءِ واٽر ڪينن استعمال ڪيو ويو جڏهن هنگامي امدادي ڪارڪنن کي آتش بازي جي سامان، پٿرن ۽ بوتلن سان نشانو بڻايو. ان کان اڳ هزارين ماڻهن احتجاجي مهم هلائڻ واري گروپ جين زي راڄ جي اهتمام هيٺ مظاهرن ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرو ڪندڙن اسڪولن لاءِ ناڪافي فنڊنگ، وڌندڙ خرچن، سرڪاري خرچن ۾ ڪٽوتين ۽ لازمي فوجي خدمتن خلاف احتجاج ڪيو. جين زي راڄ جي ترجمان لينا فرينڊرچ چيو ته اهي مظاهرا جنگ ۽ جبر بدران امن ۽ آزادي لاءِ جدوجهد لاءِ ڪيا ويا آهن. هن چيو ته اسان لاءِ سڀني کان اهم ڳالهه صحت ۽ تعليم جي نظام لاءِ بهتر سهڪار آهي. جرمني ۾ اها بدامني فرانس ۾ تيل ان ئي نوعيت جي مظاهرن بعد ٿي آهي. جتي نوجوانن جي قيادت ۾ تيل وڌڻ مظاهرن دوران به پرتشدد واقعا ٿيا هئا.

بقايا *** 10

جي موقعي تي جرمني، فرانس، جاپان ۽ برازيل جي هم منصبن سان ملاقاتون ڪيون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق انهن ملاقاتن ۾ ٻه طرفه لاڳاپن، علائقائي صورتحال خاص طور تي ميري ٽائم سيڪيورٽي ۽ عالمي واپار کي درپيش خطرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. شهزاده فيصل بن فرحان پرڏيهي وزيرن سان ڌار ڌار ملاقاتن ۾ ٻه طرفه لاڳاپن جو جائزو ورتو. تازي علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي آبنائي هرمز ۽ باب المندب ۾ جهاز راني کي درپيش خطرن، انرجي سيڪيورٽي، عالمي واپار ۽ سپلاءِ چينز تي ان جي امڪاني اثرن جي حوالي سان خدشن جو اظهار ڪيو ويو. پرڏيهي وزيرن آبي گذرگاهن جي تحفظ ۽ عالمي واپار جي رواني کي يقيني بڻائڻ لاءِ عالمي سهڪار وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. شهزاده فيصل بن فرحان جرمني ۽ برازيلي هم منصبن سان ملاقاتن ۾ علائقائي چيلنجز کي منهن ڏيڻ، سلامتي ۽ استحڪام جي بحالي لاءِ عالمي هم آهنگي جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. جاپان ۽ فرانس جي هم منصبن سان تيل ڳالهه ٻولهه ۾ سعودي عرب جي سرزمين تي حوثي مليشيا جي حملن جو ذڪر ڪيو ويو سعودي عرب ۽ جاپان انهن حملن جي مذمت ڪئي، علائقائي چيلنجز کي منهن ڏيڻ لاءِ يڪجهتي جو ورجاءُ ڪيو انهن ملاقاتن ۾ آمريڪا ۾ سعودي عرب جي سفير شهزادي ريما بنت بندر به موجود هئي.

بقايا *** 11

2 ڇٽا مارجي ويا، جن وٽان هٿيار، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. ٻئي طرف اورنگي ٽائون جي سيڪٽر اليف 7 ۾ به هڪ ڇٽو مارجي ويو. جڏهن ته جوابدارن جي فائرنگ ۾ پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيو. هوڏانهن سپرهاءِ وي تي فقيرا ڳوٺ ۾ گهر اندر فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت ۽ مرد فوت ٿي ويا.

بقايا *** 12

ڏي آهي. ديانتدار قيادت ئي سنڌ سميت ملڪ کي موجوده بحران مان ڪڍي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار هن لاڙڪاڻي ۾ نئين چونڊيل ضلعي امير حافظ محمد يعقوب منصوري جي حلف کڻڻ واري تقريب جي موقعي تي خطاب ڪندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته ڪرپٽ، مفاد پرست قيادت پاڪستاني سياست کي بند گهٽي ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي. ڏيهي توڙي پرڏيهي مسئلا ڊائلاگ ۽ حڪمت عملي سان نبيري سگهجن ٿا، طاقت هر مسئلي جو حل ڪونه اهي. وڏي وزير مراد علي شاهه پاران سنڌ حڪومت جو 31 شهرن جي ماسٽر پلان تي ڪم ڪرڻ جي دعويٰ سٺي ڳالهه آهي، پر 18 سالن کان سنڌ جي اقتدار جا مزا ماڻيندڙ پيپلزپارٽي سنڌ ۾ هڪ ماڊل يونين ڪائونسل به ٺاهي ڪونه سگهي آهي. سنڌ جا شهر، روڊ رستا تباهه ۽ عملي طور موئن جي دڙي جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته پيٽروليم مصنوعات تي ليوي پتا ٽيڪس ختم ڪرڻ کان سواءِ جماعت اسلامي پوئتي ڪونه هٽندي ڇو ته هيءَ هڪ خالص عوامي مسئلو آهي. ڪارڪن وڏي جاکوڙ لاءِ تيار رهن. ان موقعي تي نئين چونڊيل امير حافظ يعقوب منصوري ۽ اڳوڻي امير ايڊووڪيٽ نادر علي کوسو پڻ خطاب ڪيو.

بقايا *** 13

س ڪلينڪ جو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان سان گڏجي افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ سيڪريٽري سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن معين الدين صديقي، صدر المنائي ايسوسيئيشن ڊاڪٽر اشفاق قريشي، سينيئر صحافي امين يوسف، مختلف فيڪلٽيز جي ڊينز، ڊائريڪٽرز، انتظامي سربراهن، استادن، آفيسرن ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي. جاري پريس رليز مطابق، ان موقعي تي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر معظم علي خان چيو ته ڪيمپس ڪلينڪ جو قيام شاگردن، استادن ۽ يونيورسٽي ملازمن کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ڏانهن اهم وک آهي. يونيورسٽي انتظاميه جي ڪوشش آهي ته ڪيمپس ۾ محفوظ، مددگار ۽ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي. صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت يونيورسٽي طرفان صحت جي سهولتن جي فراهمي کي واکاڻيندي چيو ته تعليمي ادارن ۾ بنيادي طبي سهولتن جي فراهمي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. وائس چانسلر ان موقعي تي المنائي ايسوسيئيشن ۽ فيڪلٽي جي تعاون کي واکاڻيندي يونيورسٽي جي مختلف منصوبن ۾ سندن ڪردار تي شڪريو ادا ڪيو. تقريب دوران وي سي معزز مهمانن کي روايتي سنڌي اجرڪ ۽ گلدستا پيش ڪندي ڀليڪار ڪيو بعد ۾ مهمانن يونيورسٽي ڪيمپس ۾ ٻوٽا لڳائي وڻڪاري مهم ۾ پڻ حصو ورتو اها سرگرمي المنائي ايسوسيئيشن طرفان شروع ڪيل گرين حيدرآباد اينڊ ڪراچي مهم جو حصو آهي. دوري دوران ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت يونيورسٽي جي مختلف شعبن جو دورو پڻ ڪيو جتي کيس يونيورسٽي جي تعليمي، انتظامي سرگرمين ۽ جاري ترقياتي رٿائن جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي.

بقايا *** 14

اداري 1132 ارب رپين جي هدف جي مقابلي ۾ 11.4 سيڪڙو گهٽ ٽيڪس گڏ ڪيو. دستاويز موجب هلندڙ مالي سال جي پهرين چئن مهينن دوران ايف بي آر 4 هزار 89 ارب رپيا ٽيڪس گڏ ڪيو. جڏهن ته وصولين جو هدف 4 هزار 185 ارب رپيا هو. دستاويز ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ايف بي آر مقرر ڪيل هدف جو 97.7 سيڪڙو حاصل ڪيو. آڪٽوبر ۾ انڪم ٽيڪس جي مد ۾ 425 ارب 20 ڪروڙ، سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 440 ارب 80 ڪروڙ ۽ ڪسٽمز ڊيوٽي جي مد ۾ 118 ارب 60 ڪروڙ رپيا گڏ ڪيا ويا. دستاويز موجب آڪٽوبر ۾ 61 ارب 90 ڪروڙ رپين جا ٽيڪس ريفنڊ ادا ڪيا ويا. جڏهن ته خالص ٽيڪس وصوليون هڪ هزار 3 ارب رپيا رهيون. چئن مهينن دوران انڪم ٽيڪس جي وصولي هڪ هزار 915 ارب 60 ڪروڙ، سيلز ٽيڪس جي مد ۾ هڪ هزار 707 ارب 20 ڪروڙ ۽ ڪسٽمز ڊيوٽي جي مد ۾ 454 ارب رپيا رڪارڊ ڪئي وئي. دستاويز موجب جولاءِ کان آڪٽوبر تائين 265 ارب 20 ڪروڙ رپيا ٽيڪس واپس ڪيا ويا.

بقايا *** 15

جنهن لاءِ وفاقي حڪومت سان ڳالهيون جاري آهن. هن چيو ته 12 ضلعن ۾ چئن ڪيٽيگريز تي ڌيان ڏنو ويو آهي، جن ۾ جديد هٿيار، ڊرون ۽ ٻيو سامان بنيادي ترجيح آهن. انهن ضلعن ۾ سيف سٽي منصوبا مڪمل ڪرڻ تي پڻ ڌيان ڏنو پيو وڃي. آءِ جي پوليس چيو ته هڪ سال اندر سمورن ضلعن جا سيف سٽي منصوبا مڪمل ڪيا ويندا. ضم ٿيل ضلعن ۾ پوليس جو بنيادي ڍانچو موجود ئي نه هو، هاڻي اتي انفرااسٽرڪچر ٺاهيو ويندو. خيبرپختونخوا جي آءِ جي موجب جتي پوليس جو بنيادي ڍانچو ڪمزور آهي، اتي ان کي مضبوط ڪيو ويندو. پوليس جي کوٽ پوري ڪرڻ سان گڏ اهلڪارن کي خاص تربيت پڻ ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو ته خيبرپختونخوا پوليس جي اهلڪارن جي پگهارن بابت سمري تيار ڪئي وئي آهي. جنهن تي ناڻي وارو کاتو پنهنجي راءِ ڏئي گورنر ڏانهن موڪليندو.

بقايا *** 16

هينڊلنگ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي ٻنهي سامونڊي جهازن ذريعي مجموعي طور تي هڪ لک هڪ هزار ٽن درآمدي ڪارگو آندو ويو آهي، جنهن ۾ 50 هزار ٽن ڊي اي پي ۽ 51 هزار ٽن ڪڻڪ شامل آهي تفصيل موجب ترجمان ڪراچي پورٽ موجب بندرگاهه تي ٻنهي جهازن مان درآمدي سامان جي هينڊلنگ جاري آهي. جڏهن ته ڪڻڪ لاهڻ جو عمل به تيزي سان جاري آهي ضروري غذائي ۽ زرعي شين جي بروقت ترسيل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٻنهي جهازن کي ترجيحي بنيادن تي برٿ فراهم ڪئي وئي هن موقعي تي وفاقي وزير بحري معاملن جنيد انور چوڌري چيو ته ٻن سامونڊي جهازن جي هڪ ئي وقت هينڊلنگ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جي آپريشنل صلاحيتن جو واضح مظهر آهي ضروري شين جي بروقت ترسيل ملڪ ۾ غذائي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿي، جڏهن ته بندرگاهن تي ڪارگو هينڊلنگ جي سگهه ۾ اضافو حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي چيئرمين ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ريٽائر ايڊمرل شاهد احمد چيو ته ڪراچي پورٽ ملڪي واپار ۽ سپلائي چين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي بندرگاهه جي بنيادي ڍانچي کي جديد خطن تي استوار ڪرڻ ۽ ڪارگو هينڊلنگ جي صلاحيت بهتر بڻائڻ لاءِ قدم جاري آهن چيو ته بندرگاهه تي درآمدي ۽ برآمدي سامان جي موثر ۽ بروقت هينڊلنگ ملڪي واپاري سرگرمين جي تسلسل ۽ ضروري شين جي فراهمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

بقايا *** 17

7 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو موسميات کاتي جي ارلي وارننگ سينٽر جي اڳڪٿي موجب ڪراچي ۾ ايندڙ ٽن ڏينهن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 21 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جڏهن ته وڌ کان وڌ گرمي پد 37 ڊگري تائين وڃڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب شهر ۾ ڏينهن ۽ رات جي گرمي پد ۾ نمايان فرق انساني صحت کي متاثر ڪري سگهي ٿو. جڏهن ته موسم جي بدلجندڙ صورتحال سبب گهريلو پالتو جانورن جي صحت به متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي موسمي صورتحال حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته ڪراچي ۾ سامونڊي هوائن سان گڏ بلوچستان ۽ ٿرپارڪر طرف کان ايندڙ اتر اوڀر ۽ اتر اولهه هوائون به اثرانداز ٿي سگهن ٿيون

بقايا *** 18

. متارو شيدي، سارنگ موسي ملاح 18 ساگر موسي ۽ ٻين جي نگراني ۾ جاري رهيو. جتي ميلي جو افتتاح صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي درگاهه جي خليفن محمد انور شيخ ۽ ٻين سان گڏ درگاهه تي چادرون چاڙهي دعائون گهرڻ سان ڪيو. جڏهن ته صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي شروع ٿيل مله ملاکڙي ۾ پڻ شرڪت ڪئي. جتي مله پهلوانن خان بهادر شورو، غلام نبي شيدي، نديم ملاح، عرفان شاهه، شعيب چانڇڙ، دادلو شيدي، شاهجهان شورو، نصرالله شيدي، لڏو شيدي ۽ ٻين ملهن ماري خوب داد حاصل ڪيو. جن کي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد غلام حيدر شاهه شيرازي، سيد اظهار شاهه شيرازي، سيد محمد شاهه شيرازي، غلامي هنگورو، سارنگ موسيٰ، ساگر موسيٰ، وڏيرو حمير سرڪي، پريس ڪلب ننڍي جي صدر اقبال جاکرو، صحافي محمد ايوب ملاح، رحمت الله چنو، رشيد جاکرو ۽ ٻين کين انعام ڏيئي سندن حوصلاافزائي ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي صوبائي وزير اوقاف، زڪوات، عشر ۽ مذهبي معاملات سيد رياض حسين شاهه شيرازي ڳالهائيندي چيو ته ملاکڙو سنڌ جي قديم، تاريخي ۽ قابلِ فخر ثقافتي سڃاڻپ آهي، جيڪو صدين کان اسان جي تهذيب، روايتن ۽ ڀائيچاري جي ثقافت جو اهم حصو رهيو آهي. هيءَ رڳو هڪ راند نه، پر سنڌ جي عوام جي بهادري، جسماني طاقت، مهارت، برداشت ۽ روايتي قدرن جو هڪ خوبصورت اظهار پڻ آهي. هن چيو ته سنڌ جي ثقافت ۽ روايتن کي زنده رکڻ لاءِ اهڙين روايتي راندين ۽ ثقافتي سرگرمين جو انعقاد انتهائي اهميت رکي ٿو ملاکڙو اسان جي ثقافتي ورثي جو هڪ قيمتي اثاثو آهي، جنهن کي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ ۽ هن راند سان لاڳاپيل پهلوانن جي سرپرستي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته عرس مبارڪ جهڙا روحاني ۽ ثقافتي ميڙاڪا نه رڳو اوليائن ڪرام جي تعليمات، خدمتن کي ياد ڪرڻ جو ذريعو آهن، پر اهي اسان جي قديم روايتن، ثقافتي راندين ۽ سماجي هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. صوبائي وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ جي روايتي راندين، خاص طور تي ملاکڙي جي واڌاري ۽ ان سان لاڳاپيل رانديگرن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ ثقافتي سرگرميون جاري رکڻ گهرجن، جيئن سنڌ جي منفرد ثقافتي سڃاڻپ ۽ صدين پراڻيون روايتون ايندڙ نسلن تائين ساڳئي جوش جذبي سان منتقل ٿينديون رهنديون

بقايا *** 19

۾ پنهنجي رهائشگاهه تي هالووين پارٽي دوران ڳالهائيندي هن چيو ته ايران معاهدو ڪري پوءِ ان تان ڦري وڃي ٿو ڏسڻو آهي ته اهي ڪو معاهدو ڪن ٿا يا نه. اسان کي ڪا به جلدي ناهي. ٽرمپ چيو ته اسان ايران جي بحري فوج، هوائي فوج، فضائي دفاعي نظام، پيداواري صلاحيتن ۽ جوهري پروگرام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته هاڻي رڳو هڪ يا ٻه هنڌ باقي آهن. جن کي منهن ڏيڻو آهي. اسان اهو ڪم 10 منٽن ۾ ڪري سگهون ٿا ۽ ان لاءِ اسان وٽ منصوبو موجود آهي.

بقايا *** 20

مضبوط بنايو؟ واعدي موجب ڪيترا اسپتال، يونيورسٽي ۽ ڊيمز ٺاهيا ويا. هن جو چوڻ هو ته خيبرپختونخواهه حڪومت 13 سالن تائين عوامي خدمت جي بجاءِ وڏا وڏا دعويٰ ڪيا، زهر اوڳاڇيو ويو، لانگ مارچ ۽ ڌرڻا هنيا ويا. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته وقت تي فيصلو نه ڪيو وڃي ها ته خيبرپختونخواهه کي وڌيڪ نقصان پهچي سگهيو ٿي، عوام، ملڪ، معيشت ۽ معاشرو بچائڻ جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ضروري هو ٻئي طرف وزيراعظم خيبرپختونخواهه جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي خدمت جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار به ڪيو.

بقايا *** 21

آزادي ڏهاڙي جي موقعي تي علائقي جي عوام کي دلي مبارڪون پيش ڪندي سنڌ تاريخي جدوجهد، قربانين ۽ پاڪستان جي پختي وابستگي کي خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو ته ڊوگره راڄ کان آزادي ۽ پاڪستان سان الحاق جو فيصلو ملڪي تاريخ جو هڪ فخر جوڳو باب آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان مطابق سينيٽ چيئرمين مختلف جمهوري حڪومتن پاران گلگت بلتستان ۾ متعارف ڪرايل اهم سڌارن کي ساراهيندي خاص طور تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ 2009 ع ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت جي دور ۾ بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن کي اهم سنگ ميل قرار ڏنو هن چيو ته گلگت بلتستان پاڪستان لاءِ ثقافتي ۽ معاشي لحاظ سان غير معمولي اهميت رکي ٿو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته خطي جي پائيدار ترقي لاءِ بنيادي ڍانچي، تعليم، صحت، سياحت ۽ روزگار جي موقعن ۾ بهتري اهم آهي. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته گلگت بلتستان جي ترقي ۽ خوشحالي پاڪستان جي مجموعي ترقي سان ڳنڍيل آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته ان خطي جو عوام هڪ مضبوط، متحد ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهندا.

بقايا *** 22

ي خراب ٿيندڙ صورتحال خلاف احتجاجي مظاهرا جاري آهن جن دوران وڌيڪ 290 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق فرانس جي گادي واري شهر پيرس ۾ پوليس ۽ مظاهرين وچ ۾ ڇڪريون ان وقت شروع ٿيون جڏهن احتجاجي مارچ پنهنجي آخري منزل تي پهتو. ڇڪرين دوران روڊ ڳوڙها گيس سان ڀرجي ويا، مارسيلي ۽ تولوز سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ ڇڪتاڻ وڌي ويو. ڪارا ڪپڙا پاتل ۽ چهرو لڪايل درجنين ماڻهن هٿوڙن ذريعي فٽ پاٿن جا پٿر پٽي پوليس تي اڇلايا. سيڪيورٽي فورسز تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيٽرول بم به اڇلايو ويو پوليس اهلڪارن جواب ۾ ڳوڙها گيس جا شيل فائر ڪيا ۽ مظاهرين کي ڇوڙڇڙ ڪرڻ لاءِ لاٺي چارج به ڪيو. فرانس جي گهرو وزارت اعلان ڪيو آهي ته پوليس مظاهرن دوران 290 کان وڌيڪ ماڻهن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

بقايا *** 23

ء گلگت بلتستان جي عوام کي يوم آزادي جي موقعي تي مبارڪون ڏيندي چيو آهي ته پهرين نومبر 1947 ع گلگت بلتستان جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ يادگار ڏينهن آهي، جڏهن اتان جي عوام آزادي جي لاءِ لازوال جدوجهد ۽ قربانين جي تاريخ رقم ڪئي.پنهنجي پيغام ۾ وزيراعليٰ چيو ته گلگت بلتستان جي عوام جون قربانيون، بهادري ۽ عزم اسان جي قومي تاريخ جو فخرجوڳو باب آهن گلگت بلتستان پاڪستان جو اهم حصو ۽ قومي وحدت ۽ يڪجهتي جي خوبصورت علامت آهي.سيد مراد علي شاهه چيو ته گلگت بلتستان جي منفرد ثقافت، روايتون ۽ قدرتي حسن پاڪستان جي قومي سڃاڻپ جو قيمتي سرمايو آهن، جڏهن ته پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي ۾ اتان جي عوام جو ڪردار قابل تحسين آهي.وزيراعليٰ سنڌ دعا ڪئي ته گلگت بلتستان هميشه امن، ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام جي راهه تي گامزن رهي هن اها اميد به ظاهر ڪئي ته سنڌ ۽ گلگت بلتستان جي عوام وچ ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ قومي يڪجهتي جا رشتا وڌيڪ مضبوط ٿيندا

بقايا *** 24

ڇڏي آهي. ذريعن موجب هن مهيني کان ڪمرشل تندورن، هوٽلن سميت ٻين ڪنيڪشنن جو سلسلو پڻ بند ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هزارين صارفين ارجنٽ فيس جمع ڪرائڻ باوجود ڪنيڪشن کان محروم آهن. ذريعن ٻڌايو ته آر ايل اين جي جي فراهمي متاثر آهي، جڏهن ته موجوده نظام ۾ به گئس جي کوٽ وڌي وئي آهي. سياري جي شروعات سان ئي گئس جي گهرج ڪيترائي ڀيرا وڌي وئي آهي ۽ گهريلو صارفين کي به گئس جي فراهمي ۾ مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. تنهن هوندي به سوئي گئس ڪمپني گهريلو ڪنيڪشنن تي پابندي اڻڄاتل مدي تائين وڌائي ڇڏي آهي. سوئي گئس اختيارين موجب ڪنيڪشنن تي پابندي پيٽروليم وزارت لاڳو ڪئي آهي. جڏهن ته ايران ۽ آمريڪا جي جنگ بند ٿيڻ کانپوءِ ئي ڪنيڪشن بحال ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 25

ا پيدا ڪرڻ لاءِ اهم قدمن تحت سنڌ، خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي چونڊ علائقن سان تعلق رکندڙ اهل شاگردن لاءِ 100 سيڪڙو اسڪالرشپس فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. انهن قدمن جو بنيادي مقصد حقدار شاگردن کي معياري تعليم، پيشيوارانه قابليت ۽ فني مهارتون حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن اهي پنهنجي خاندانن، مقامي آبادين ۽ ملڪ جي ترقي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهن. ماري انرجيز جو اهو قدم خاص ڪري انهن علائقن جي نوجوانن لاءِ اهميت رکي ٿو جتي تعليمي ۽ پيشيوارانه تربيت جي موقعن تائين رسائي مختلف سببن جي بنياد تي محدود آهي. هن پروگرام ذريعي نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون نکارڻ، عملي زندگي جي گهرجن سان هم آهنگ ٿيڻ ۽ مستقبل ۾ روزگار جا بهتر موقعا حاصل ڪرڻ جي قابل بڻائڻ تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. پروگرام تحت سنڌ جي ضلعن گهوٽڪي، سجاول، خيبر پختونخوا جي ضلعي اٽڪ وزيرستان جڏهن ته بلوچستان جي چونڊ علائقن سان تعلق رکندڙ اهل شاگردن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ جو منصوبو آهي. بلوچستان ۾ خضدار، مڪران ۽ ٻين چونڊيل علائقن جي حوالي سان فراهم ڪيل معلومات موجب اسڪالرشپ پروگرام جو مقصد مقامي نوجوانن کي تعليم ۽ پيشيوارانه ترقي جي بهتر موقعن مان فائدو کڻڻ آهي. ماري انرجيز طرفان انهن قدمن ۾ تعليم کي هٿي وٺائڻ سان گڏوگڏ انساني وسيلن جي ترقي ۽ ڪميونٽي کي بااختيار بڻائڻ تي به خاص اهميت ڏني وئي آهي. پروگرام تحت شاگردن کي 3 مهينن جي مختصر عرصي جا پيشيوارانه ڪورسز ڪرائڻ کان وٺي ڇهن سالن جا ڊگري پروگرام ۽ ڊپلوما ڪورسن تائين تعليمي رستا فراهم ڪرڻ جو منصوبو شامل آهن ته جيئن نوجوان پنهنجي دلچسپي، تعليمي قابليت ۽ مستقبل جي پيشيوارانه هدفن موجب تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سگهن. انهن قدمن ۾ ڪيور لائف ڪنسلٽنسي مددگار پائيوار طور ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن جي خصوصي توجهه ميڊيڪل سائنسز ۽ ان سان لاڳاپيل شعبن ۾ تعليم کي هٿي وٺائڻ تي آهي. هن پائيواري جو مقصد نوجوانن کي لاڳاپيل شعبن ۾ پيشيوارانه قابليت حاصل ڪرڻ، عملي مهارتون سکڻ ۽ مستقبل ۾ روزگار جا موقعن مان فائدو کڻڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي. اسڪالرشپ پروگرام ذريعي نوجوانن کي صرف تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ مقصد ناهي پر انهن جي پيشيوارانه صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ، کين پاڻ ڀرو ڪرڻ، مقامي سطح تي ترقي جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ به انهن قدمن جي اهم هدفن ۾ شامل آهن. پيشيوارانه تعليم ۽ فني تربيت ذريعي نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن موجب مستقبل جون راهون تلاش ڪرڻ ۽ معاشي طور مستحڪم ٿيڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون. ماري انرجيز جو هي قدم ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿو ته تعليم ۽ هنرمندي ۾ سيڙپڪاري ذريعي نئين نسل لاءِ جٽادار ترقي جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي. خاص ڪري قدرتي وسيلا پيدا ڪرڻ ۽ خاص ڪري گهٽ سهولتن وارن علائقن جي نوجوانن کي تعليم تائين بهتر رسائي فراهم ڪرڻ، مقامي آبادين جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ شامل آهن. اميد آهي ته هي پروگرام اهل شاگردن کي تعليمي رڪاوٽون تي ضابطو آڻڻ، پيشيوارانه مهارتون حاصل ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ پنهنجي صلاحيتن کي عملي طور ڪتب آڻڻ ۾ مدد ڏيندو ان جي نتيجي ۾ نه رڳو انفرادي سطح تي ترقي جا امڪان وڌندا پر لاڳاپيل علائقن ۾ تعليم، روزگار ۽ انساني وسيلن جي ترقي لاءِ به مثبت اڳڀرائي جي راهه هموار ٿيندي. ماري انرجيز جو هي قدم ان وسيع تر تصور کي اجاگر ڪري ٿو ته معياري تعليم ۽ پيشيوارانه تربيت تائين رسائي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، مقامي آبادين جي ترقي ۽ ملڪ جي روشن مستقبل جي تعمير لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿي. تعليم ۾ سيڙپڪاري، ڪميونٽي کي بااختياري بڻائڻ ۽ نوجوانن لاءِ روشن مستقبل جي تعمير ماري انرجيز جي هنن قدمن جو بنيادي مقصد آهي.

بقايا *** 26

ي ۽ وقار کي عزيز رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ مشعل راهه آهن. الجزائر سان گڏيل دوستي کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۽ واپار، سيڙپڪاري، توانائي، تعليم ۽ ثقافت جي شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ جا خواهشمند آهيون. هن اها ڳالهه عوامي جمهوريه الجزائر جي قومي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي. اهو ڏينهن پهرين نومبر تي الجزائر جي تاريخي آزادي واري انقلاب جي شروعات جي 72هين سالگره جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق صدر آصف علي زرداري پاڪستاني عوام، حڪومت ۽ پنهنجي پاران الجزائر جي صدر عبدالمجيد تبون ۽ ڀاءُ ملڪ جي عوام کي دل جي گهرائين سان مبارڪون ڏيندي چيو ته الجزائر جي عوام جي جرئت ۽ قربانيون اڄ به آزادي ۽ وقار کي عزيز رکندڙ سمورن ماڻهن لاءِ مشعل راهه آهن. پاڪستان نو آبادياتي حڪمراني خلاف الجزائر جي جدوجهد دوران ڀرپور انداز ۾ سندن ساٿ ڏنو. الجزائر جي آزادي کان اڳ 1958 ع ۾ ان جي عارضي حڪومت کي پاڪستان پاران تسليم ڪرڻ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ گهري يڪجهتي ۽ پائيدار لاڳاپن جو مظهر آهي. صدر مملڪت چيو ته منهنجي لاءِ اها دوستي هڪ قدرجوڳي سياسي ۽ ذاتي ورثي جي به حيثيت رکي ٿي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي احمد بن بيلا ۽ هواري بومدين سميت الجزائر جي قيادت سان دوستي ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. صدر مملڪت چيو ته شهيد بينظير ڀٽو به ان دوستي کي اڳيان وڌايو. جولاءِ 1990 ع ۾ ان جو الجزائر جو دورو ۽ صدر شاذلي بن جديد سان ملاقات يڪجهتي ۽ گڏيل احترام تي ٻڌل لاڳاپن کي وڌيڪ اڳيان وڌايو. صدر مملڪت چيو ته منهنجي لاءِ اهي رابطا قومي ورثي سان گڏوگڏ هڪ فخر جوڳو خانداني ورثو به آهن. اهو ئي تاريخي ورثو گڏيل قومن ۽ بين عالمي فورمز تي اسان جي تعاون جي رهنمائي ڪري ٿو. صدر مملڪت چيو ته پاڪستان ۽ الجزائر گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن، رياستن جي خودمختياري، برابري، عوام جي خوداراديت واري حق ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي حمايت ڪري ٿي. هن چيو ته 2025 ع ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ گڏيل ميمبرشپ دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعاون ان گڏيل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گڏ ڪم ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو هن چيو ته اسان فلسطيني عوام جي آزادي واري حق ۽ هڪ آزاد خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت ۾ گڏ آهيون جنهن جو گادي وارو هنڌ القدس الشريف هجي. اسان تڪرارن جي حل، شهري آبادي جي تحفظ ۽ اولهه ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي مسئلن جي حل ڪرڻ جي عزم تي به متفق آهيون. صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو ته صدر عبدالمجيد تبون سان گڏجي گڏيل دوستي کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ ۽ واپار، سيڙپڪاري، توانائي، تعليم ۽ ثقافت جي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ جا خواهشمند آهيون. ان تعلق کي قائم ڪرڻ وارن نسلن جا اسان قرضي آهيون ته سندن يڪجهتي ۽ دوستي کي پنهنجي عوام لاءِ وڌيڪ بهتر موقعن ۾ تبديل ڪيون. صدر مملڪت آصف علي زرداري صدر عبدالمجيد تبون جي صحت ۽ تندرستي ۽ ڀاءُ ملڪ الجزائر جي عوام جي مسلسل امن، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو.

بقايا *** 27

ٽيمن سان گڏ هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي وئي، جنهن ۾ کاتي جي ڪارڪردگي، اجلاس دوران زڪوات فنڊن جي استعمال ۽ ورڇ، مستحقن کي مالي مدد جي فراهمي، ضلعي ۽ مقامي زڪوات ڪميٽين جي ڪارڪردگي، صحت جي شعبي ۾ مالي مدد، ۽ مالي ۽ انتظامي ضابطن تي عمل ڪرائڻ سان لاڳاپيل معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو سيڪريٽري اوقاف لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته مستحق ماڻهن جي منظور ٿيل ڪيسن تي وقتائتي ڪارروائي، مخصوص فنڊن جو صحيح استعمال، مڪمل مالي رڪارڊ جي تياري، ۽ لاڳاپيل قانونن ۽ ضابطن تي سختيءَ سان عمل ڪيئنيٽائيوجيهن شفافيت، جوابدهي ۽ اثرائتي نگرانيءَ جي اهميت تي زور ڏيندي هدايت ڪئي ته زڪوات جي امداد اصل مستحقن تائين پهچائڻ لاءِ تمام ضروري انتظامي قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ ٻين انتظامي معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو

بقايا *** 28

هادر عوام ڊوگرا راڄ جي ظلم خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري آزادي جي شمع روشن ڪئي، جڏهن ته سندن جرئت، قربانيون ۽ غيرمتزلزل عزم اسان جي قومي تاريخ جو ناقابل فراموش سرمايو آهن.پنهنجي خاص پيغام ۾ فريال ٽالپر چيو ته گلگت بلتستان جي تاريخ جدوجهد آزادي، بهادري ۽ قربانين سان عبارت آهي هتان جي عوام جي پاڪستان سان محبت ۽ وابستگي هڪ اهڙو اٽوٽ رشتو آهي جيڪو نسل در نسل قائم آهي.هن چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گلگت بلتستان ۾ ايف سي آر ۽ جاگيرداراڻي نظام جي خاتمي سميت تاريخي سڌارن جو بنياد رکيو ۽ عوام کي استحصالي نظام کان نجات ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا شهيد ڀٽو جي انهن سڌارن خطي جي عوام کي حقن ۽ ترقي جا نوان موقعا فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.فريال ٽالپر چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو 1994 ع ۾ قانون ساز ڪائونسل جي قيام ذريعي گلگت بلتستان جي سياسي نمائندگي ۽ عوامي بااختيار بڻائڻ جي سفر کي اڳتي وڌايو. جڏهن ته صدر مملڪت آصف علي زرداري پنهنجي پهرين دور صدارت ۾ 2009 ع جي سڌارن واري پيڪيج ذريعي خطي کي نئين سياسي سڃاڻپ ڏني.هن وڌيڪ چيو ته 2009 ع جي سڌارن واري پيڪيج تحت گلگت بلتستان ۾ چونڊيل اسيمبلي ۽ صوبائي طرز جو بااختيار انتظامي ڍانچو متعارف ڪرايو ويو، جنهن سان خطي ۾ سياسي نمائندگي ۽ انتظامي اختيارن حوالي سان هڪ نئين دور جي شروعات ٿي هن چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري شهيد قائدين جي عوام دوست ويزن کي اڳتي وڌائي رهيو آهي ۽ گلگت بلتستان جي عوام جي جمهوري، آئيني ۽ بنيادي حقن لاءِ مسلسل آواز بلند ڪري رهيو آهيفريال ٽالپر زور ڏنو ته گلگت بلتستان جي عوام جي سياسي خودمختياري، بااختياري ۽ ترقي جا هڪ جهڙا موقعا يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي خطي جي هر شهري تائين ترقي جا ثمر پهچائڻ، عوام جي خوابن جي تڪميل ۽ نوجوان نسل لاءِ روشن مستقبل جون راهون هموار ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهيهن پنهنجي پيغام جي آخر ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي گلگت بلتستان جي عوام جي جائز حقن جي تحفظ، سياسي ۽ معاشي ترقي ۽ بهتر مستقبل لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي

بقايا *** 29

. آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو اٽلانٽا ۾ جي 20 پرڏيهي وزيرن جي اجلاس جي اختتام تي ڳالهيون ڪندي چيو ته پاڪستان مسلسل افغانستان جي زمين تان ٿيل دهشتگرد حملن تي ڳڻتي جو اظهار ڪري رهيو آهي.مارڪو روبيو موجب پاڪستان جو موقف آهي ته افغان طالبان پنهنجي زمين تان پاڪستان ۾ ٿيل دهشتگردي روڪڻ جي لاءِ موثر قدم ناهن کنيا جنهن جي جواب ۾ پاڪستان دهشتگردن جي خلاف ڪارروايون ڪيون آهن. آمريڪي پرڏيهي وزير چيو ته واشنگٽن نٿو چاهي ته پاڪستان دهشتگردي جو نشانو بڻجي مارڪو روبيو جي بيان کي دهشتگردي واري معاملي تي پاڪستان جي سيڪيورٽي خدشن ۽ موقف جي آمريڪي حمايت جي طور تي ڏٺو پيو وڃي

بقايا *** 30

م ۽ ميداني سطح تي قانون لاڳو ڪرڻ جون ڪارروايون جاري آهن. مريم اورنگزيب موجب پڪڙيل ٽن صنعتي يونٽن کي سيل ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، 16 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو ويو آهي. پنجاب جي سينيئر وزير چيو ته سرن جا چار ڀٽا ڊاهي پٽ ڪيا ويا. انن کي سيل ڪيو ويو ۽ چئن ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا، جڏهن ته 10 لک رپيا ڏنڊ پڻ لڳايو ويو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته غير معياري پلاسٽڪ فيڪٽرين خلاف ڪارروائين دوران 178 هنڌن جو معائنو ڪيو ويو، جن مان 13 هنڌن کي سيل ڪري 613 ڪلوگرام پلاسٽڪ ضبط ڪئي وئي. صوبائي وزير موجب فصلن جا رهيل ٽڪر ۽ باقيات ساڙڻ خلاف ڪارروائين دوران 5 لک 16 هزار 327 وارننگ نوٽيس پڻ جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 31

ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا. ضلعي پوليس جي ترجمان موجب هوسڙي پوليس شاخ گوپانگ واٽر وٽ موٽرسائيڪل تي سوارن شڪي جوابدارن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته جوابدارن رڪجڻ بدران پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني، ان دوران پوليس ۽ جوابدارن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ پڻ ٿي، جنهن ۾ هڪ جوابدار پنهنجي ئي ساٿي جي گولي لڳڻ سبب مارجي ويو جڏهن ته سندس ٻه ٻيا ساٿي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ شان سولنگي جي نالي سان ٿي آهي. شروعاتي جاچ مطابق جوابدار اسٽريٽ ڪرائم، ڦرلٽ، منشيات جي ڪاروبار ۽ پوليس مقابلن سميت مختلف ڏوهن ۾ ملوث رهيو سندس خلاف مختلف ٿاڻن تي ڌاڙن، منشيات، ڦرلٽ ۽ ٻين سنگين ڏوهن جا ڪيترائي ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن. هوڏانهن ڀڄي ويل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس علائقي کي ڪڙو ڇاڙهي مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪري رهي آهي.

بقايا *** 32

ڪيو ويو. ريسڪيو 1122 ترجمان موجب فوتي ٻار جي سڃاڻپ راحيل پٽ الله وسايو شورو جي نالي سان ٿي آهي. شروعاتي جاچ موجب ٻار ڳوٺ ويجهو رانديڪن سان کيڏندي انهن کي ڌوئڻ لاءِ پاڻي جي ويجهو ويو ته پير ترڪڻ سبب ٻڏي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم مسلسل ڳولا بعد ٻار جو لاش هٿ ڪري ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو.

بقايا *** 33

فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ عورت ۽ نوجوان فوت ٿي ويا پوليس موجب شروعاتي جاچ ۾ شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي ته عورت جي مڙس ايوب مبينا طور تي غيرت جي نالي تي پنهنجي گهرواري جميله ۽ سندس آشنا مهر علي کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ۽ واردات کان پوءِ پنهنجي ٻن ٻارن سميت فرار ٿي ويو ايس ايڇ او سائيٽ سپر هاءِ وي چوڌري نواز موجب فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 23 ورهين جي جميله زال ايوب جڏهن ته نوجوان جي سڃاڻپ 24 ورهين جي مهرعلي ولد دائود جي نالي سان ٿي آهي پوليس اختيارين چيو ته شروعاتي جاچ موجب واقعو مبينا طور تي غيرت جي نالي تي پيش آيو. البته وڌيڪ حقيقتن جي تصديق لاءِ جاچ جاري آهي.پوليس اختيارين موجب شڪ آهي ته جوابدار ايوب پنهنجي گهرواري کي مهرعلي سان گڏ ڏسڻ کان پوءِ ٻنهي تي فائرنگ ڪئي واقعي کان پوءِ جوابدار مقتول جي ڀاءُ کي به واردات بابت ٻڌايو ۽ پنهنجا ٻئي ٻار ساڻ وٺي فرار ٿي ويو پوليس جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي.

بقايا *** 34

ي ويا. پوليس موجب مارجي ويلن جي سڃاڻپ جميله زال ايوب ۽ مهرعلي پٽ دادو طور ڪئي وئي آهي. واقعو غيرت جي نالي تي پيش آيو. جتي جوابدار ايوب مبينا طور فائرنگ ڪري پنهنجي زال ۽ سندس دوست کي قتل ڪيو. پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جوابدار واردات بعد موقعي تان فرار ٿي ويو. جنهن جي ڳولا جاري آهي. واقعي واري هنڌ تان 30 بور پسٽل جا ٻه خول پڻ هٿ آيا آهن. جڏهن ته ٻنهي لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 35

اڪستان جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت جي صوبائي صدر جو ڪٿي به پتو ناهي، ڪنهن کي به ڪا خبر ناهي. حڪومتي ذميوار چون ٿا ته وڏو وزير ۽ ٻيا اڳواڻ محفوظ آهن. پر سوال اهو آهي ته جيڪڏهن اهي محفوظ آهن ته پوءِ انهن سان رابطو ڇو نه پيو ٿي سگهي؟حليم عادل شيخ چيو ته دهشتگردي خلاف وڏو جواب ڏين. جيڪڏهن احتساب ڪرڻو آهي ته ڀلي ڪيو وڃي، پر احتساب سڀني جو هڪجهڙو ۽ بنا ڪنهن فرق جي ٿيڻ گهرجي.هن چيو ته ملڪ جي عظيم سياسي اڳواڻ عمران خان کي ساڍن ٽن سالن کان جيل ۾ رکيو ويو آهي. سندس گهرواري، ڀينرن ۽ ٻين مائٽن کي به قيد ڪيو ويو آهي. نورين آپا ۽ بشريٰ بي بي جي طبيعت خراب هجڻ باوجود حڪمرانن جي بي حسي برقرار آهي. اسان جا ڪارڪن جيلن ۾ قيد آهن. ڪجهه ڪارڪنن جا مڙهه جيلن مان واپس اچي رهيا آهن. جڏهن ته اسان جي اڳواڻن کي چاليهه ۽ پنجاهه سالن تائين جون سزائون ٻڌايون پيون وڃن.پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻو آهي ته فسطائيت، الزام تراشي ۽ سياسي انتقام جو سلسلو ختم ڪرڻو پوندو. 8 فيبروري تي عوامي مينڊيٽ تي ڌاڙو هنيو ويو. هاڻي خيبر پختونخوا جي عوامي مينڊيٽ تي به سرعام ڌاڙو هنيو ويو آهي، ان ڪري عوامي مينڊيٽ جي واپسي يقيني بڻائي وڃي. موجوده نظام ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ ۾ ناڪام ٿي رهيو آهي، تنهنڪري عوام جي ڏنل مينڊيٽ کي تسليم ڪرڻو پوندو.حليم عادل شيخ مطالبو ڪيو ته سڀ کان پهرين عمران خان صاحب سان اسان جي ملاقات ڪرائي وڃي، سندس گهرڀاتين جون ملاقاتون يقيني بڻايون وڃن ۽ سندس ڀينرن، عورتن ۽ ٻزرگن کي آزاد ڪيو وڃي. ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني بحال ڪري عدليا کي آزاد ڪرڻو پوندو. قانون جي حڪمراني ختم ٿي چڪي آهي، آئين جي بحالي ۽ قانون جي بالادستي انتهائي ضروري آهي. جڏهن آئين ۽ قانون بحال ٿيندو ته عمران خان سميت سمورن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي آزادي جي راهه هموار ٿيندي هن وڌيڪ چيو ته خيبر پختونخوا ۽ پنجاب ۾ فسطائيت جو مقابلو جاري آهي. ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ جو بهترين رستو صرف آئين جي بالادستي، عدليا جي آزادي، سياسي انتقام جي خاتمي ۽ عوامي مينڊيٽ جي احترام سان ئي ممڪن آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

سميت ملڪ ۾ ايچ آءِ وي جي وڌندڙ ڪيسن تي ڳڻتي جو اظهار. شاهين هيومنٽي اين جي او جي اسپتال ۾ قائم ميڊيڪل سينٽر جي دوري دوران هن حڪومت کان مرض جي روڪٿام ۽ متاثر مريضن جي علاج لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ايچ آءِ وي جو مرض تيزيءَ سان پکڙجي رهيو آهي، پر ان جي روڪٿام لاءِ حڪومت طرفان ڳهربل قدم ناهن کنيا ويا جونيئر ذوالفقار علي ڀلو دعويٰ ڪئي ته ملڪ ۾ ايچ آءِ وي متاثر ماڻهن جو انگ هڪ سال دوران 3 لک مان وڌي 4 لک 17 هزار ٿي ويو آهي، جنهن ۾ معصوم ٻار، عورتون ۽ نوجوان پڻ شامل آهن. هن چيو ته صورتحال کي نظر ۾ رکندي حڪومت ۽ صحت کاتي کي فوري طور تي اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ، مفت اسڪريننگ، بروقت تشخيص ۽ علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن مطالبو ڪيو ته اسپتالن ۽ طبي مرڪزن ۾ حفاظتي اپائن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ۽ ايچ آءِ وي متاثر مريضن کي بنا ڪنهن فرق جي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 02

جاچ ڪندڙ ناظم علي ابوپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندس پنهنجو پٽ سندس جان جو ويري بڻجي ويو آهي هو ڪافي عرصي کان بيماري ۾ مبتلا آهي، پر افسوس جو سندس پٽ ڏکئي وقت ۾ سندس ڪا به سار سنڀال نه لڌي ۽ نه ئي ڪنهن قسم جو سهڪار ڪيو بيماري ۽ پريشانين باوجود ڪيس پنهنجي ئي اولاد جي مبينا زيادتين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته سندس پٽ اعظم علي ڪات ڪئي مٿس حملو ڪرڻ ۽ ڪيس جان سان مارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سبب هو سخت خوف ۽ عدم تحفظ جو شڪار آهي. هن چيو ته جنهن اولاد جي سهاري ۽ خدمت جي اميد هوندي آهي، جيڪڏهن اهو ئي جان جو دشمن بڻجي وڃي ته هڪ پيءُ لاءِ ان کان وڌي تڪليف ڀي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. ناظم علي ابوپوٽو ايس ايس پي سکر ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کي اپيل ڪئي ته سندس دانهن جو فوري نوٽيس وٺي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ڪيس جاني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 03

ڪدي وئي. جيڪا المهران اسڪول ڪان هاءِ اسڪول گرائونڊ تائين ڪدي وئي. ريلي جي اڳواڻي نيورو سرجن ڊاڪٽر جڳ سنگهه سسوڏيا ڪئي، جنهن ۾ ڊاڪٽرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته فالج هڪ قابلِ علاج مرض آهي، بروقت طبي امداد سان مريض جي حياتي بچائي سگهجي ٿي. فالج جون علامتون ظاهر ٿيڻ تي مريض کي بنا دير اسپتال منتقل ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته فالج جي ڪجهه قسمن جو علاج شروعاتي 24 ڪلاڪن اندر ممڪن آهي. هنن چيو ته فالج سبب هڪ ماڻهو معذور ٿئي ٿو ته ان جو سڄو خاندان متاثر ٿئي ٿو تنهن ڪري فالج کان بچاءُ، علامتن جي سڃاڻپ ۽ بروقت علاج بابت عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

، سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميرائي، سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ذوالفقار ملاح، بئريسٽر سيد حسنين شاهه بخاري، سيد شير شاهه، سيد ذيشان شاهه، عاشي قريشي سان گڏ ربن ڪاٽي وائيٽل ڪيفي جو افتتاح ڪري دعائون گهري آيل مهمانن کي وائيٽل مشروبات پيياري ويئي، جڏهن ته عاشي قريشي پاران آيل مهمانن جو استقبال ڪري ڪين سنڌ جي سوکڙي لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي ابوبڪر ميرائي، ابو تراب ميرٽي، ابو زر ميرائي، حيدر ذوالفقار ملاح، ڊاڪٽر سڪندر ملاح، محمد عيدن ميربحر، حاجي خان پارهيڙي، شبير مانجهند، ايڊوڪيٽ نومان ميمڻ، اڳوڻي يوسي ناظم سيد فدا حسين شاهه، ايڊوڪيٽ گل محمد خشڪ، وزير قريشي، الهڏنو ميربحر، صحافي محمد ايوب ملاح سميت وائيٽل گروپ آف ڪمپنيز جي سينيئر ٽيم، سول سوسائٽي جي اڳواڻن، شهري، صحافين، وڪيلن، اديبن استادن، شاعرن، واپارين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر سائين رکيو ميرائي ۽ سنڌ ملاح فورم جي سيڪريٽري جنرل ذوالفقار ملاح ۽ ٻين چيو ته سلو روزگار ڪرڻ هر فرد جو بنيادي حق آهي، هنن چيو ته ٺٽي جي رهواسي عاشي قريشي پاران پڻ مڪلي ٻاءِ پاس ٺٺوتاج پيٽرول پمپ تي وائيٽل ڪيفي قائم ڪري ان جو افتتاح ڪرائي پنهنجي روزگار ۾ بهتر اضافو ڪيو آهي، جنهن مان مڪلي، ٺٽي واسين سميت پوري سنڌ جا ماڻهون لطف اندوز ٿيندا، مڪلي تي 28 هين وائيٽل ڪيفي جا انتظام سنڀاليندڙ عاشق حسين عرف عاشي قريشي چيو ته ٺٽي ۾ ڪاليج، يونيورسٽي جي شاگردن سميت شهرين کي ڪافي جا مختلف ذائقا پيئڻ لاءِ پري وڃڻو پوندو هو جنهن سبب ڪين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو هو تنهن ڪري شهرين ۽ شاگردن جي ان ضرورت کي نظر ۾ رکندي وائيٽل ڪيفي قائم ڪيو ويو آهي، جتي ڪين هڪ ئي هنڌ تي ڪافي جا مختلف ۽ منفرد ذائقا مناسب سهولتن سان گڏ فراهم ڪيا ويندا. هن چيو ته وائيٽل ڪيفي ۾ مختلف قسمن جي ڪافين سان گڏ بهترين ڪوڪيز ۽ ٻيون سهولتون پڻ موجود آهن ته جيئن گراهڪن کي معياري ماحول ۾ بهترين ذائقو ۽ سٺي سروس فراهم ڪري سگهجي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي عاشق حسين قريشي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي ڪين سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي عاشي قريشي عوام کي مخاطب ٿيندي چيو ته هو هڪ ڀيرو ضرور وائيٽل ڪيفي کي آزمائين. ڪين ضرور فائدو پهچندو.

بقايا عوامي سوچ 05

تي بجارپوٽو جي وڏيري محمد رحيم جوکيو ۽ هالاڻي جي وڏيري جمعي جوکيو جي موجودگي ۾ جنگشاهي جي معزز شخصيت اڳوڻي ناظم بشير احمد جوکيو يوسي چيئرمين ڪريم الله جوکيو ضلعي ڪائونسل ميمبر حسن علي عرف پورو جوکيو يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين معزز امينن سرزمين تي پهچي زمين جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڳوٺ سنجر هالاڻي جا معزز جمعون صديق ۽ عالم جوکيو جڏهن ته ڳوٺ حاجي ڪنيٽرو جوکيو جا معزز علي حسن جوکيو ۽ حاجي يارو جوکيو پڻ موجود هئا. زمين جي حدبندي واري معاملي جو جائزو وٺڻ بعد امينن ۽ معززن وچ ۾ صلاح مشورو ڪيو ويو جڏهن ته تڪرار بابت حتمي فيصلو گڏيل صلاح مشوري بعد ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

واري هنڌ پهچي وئي پنهي ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو تيز وڌيڪ خونريزي جو خطرو

بقايا عوامي سوچ 07

ملاح جو چوڻ آهي ته سندس گهر تي مبينا طور ڪجهه ماڻهن طرفان ڪيس ۽ سندس خاندان کي سخت پريشان ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هوءَ پنهنجي نوجوان نياڻي ۽ معصوم ٻارن سميت سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ عورت جو الزام آهي ته سندس گهر واري معاملي ۾ مبينا طور ڪراچي ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ ڪجهه ماڻهن جي مداخلت آهي، جنهن سبب هوءَ مسلسل پريشان آهي. مريم ملاح ڊي سي ٺٽو ۽ لاڳاپيل انتظامي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، سندس گهر ۽ خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڌر طرفان غيرقانوني طور تنگ ڪيو پيو وڃي ته ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 08

وهاري عنصرن ۽ منشيات فروشن خلاف جاري ڪارروايون، ڦر ٽيل ملڪيت جي ڪامياب واپسي ۽ ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتارين جي حوالي سان بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ٺٽو ساڪرو جي پوليس ٽيم کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تعريفي سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندڙن ۾ ايس ايچ او ٺٽو ساڪرو انسپيڪٽر گلزار علي ٽنيو، اي ايس آءِ نعيم حيدر ميمڻ، اي ايس آءِ اسماعيل جوکيو، هيڊ محرر عبدالحسين جوکيو الله ڏنو ۽ ڪانسٽيبلز احمد علي، نسيم احمد ۽ عنايت علي شامل آهن. ان موقعي تي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشورائي صلاحيتن، محنت ۽ فرض شناسي کي ساراهيندي ڪين شاباس ڏني وئي ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته ڏوهن جي خاتمي، منشيات جي روڪٿام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پوليس پنهنجون ڪارروايون وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ جاري رکندي.

بقايا عوامي سوچ 09

وسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس کي عوامي پريس ڪلب ٺٽي جي صدر بلاول سمون، سماجي تنظيم پيغام جي صدر اسماعيل سمون، جنرل سيڪريٽري محمد عمر سرائي، سوشل ويلفيئر کاتي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر خدا بخش بهرائي، جمعيت علماءِ اسلام جي ضلعي اڳواڻ مولانا سليم عاطف چانڊيو اسڪائوٽ ايسوسيئيشن جي فاطمه ڪلهوڙو، ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي صدر علي اڪبر دلوائي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي اڳواڻ عمران خشڪ، هينڊز جي محبوب علي لنڊ، السٽ جي قادر بخش اوٺو اين آر ايس پي جي ڊاڪٽر آڪاش عباسي، شاگرد اڳواڻ صدام حسين ڪڏائي، ڊي او اسپورٽس بشارت الياس جوکيو انڊس ارٿ جي شوڪت زنئور ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته عالمي امن لاءِ هٿيارن جي ڊوڙ کي روڪڻ ۽ معاشري مان تشدد، نفرت ۽ دشمني جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي. اڳواڻن چيو ته هٿيارن جي وڌندڙ استعمال سبب نه رڳو عالمي امن ۽ سلامتي کي خطرا درپيش آهن، پر مقامي سطح تي به امن امان جي صورتحال متاثر ٿي رهي آهي. قبائلي تڪرارن ۽ ذاتي دشمنين سبب قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. هنن چيو ته هٿيارن بدران علم، شعور، برداشت ۽ ڳالهه ٻولهه جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. ڪانفرنس ۾ گڏيل ٺهراءُ منظور ڪندي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت، ضلعي انتظاميا ۽ پوليس کان مطالبو ڪيو ويو ته غيرقانوني هٿيارن، هٿيارن جي نمائش، هوائي فائرنگ، قبائلي تڪرارن ۽ ذاتي دشمنين جي خاتمي لاءِ بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ان سان گڏ ضلعي، تعلقي ۽ ديهي سطح تي اثرائتيون امن ڪميٽيون قائم ڪيون وڃن، جيڪي ڳالهه ٻولهه، ثالثي ۽ قانوني طريقيڪار ذريعي قبائلي ۽ خانداني تڪرارن جو مستقل حل ڪڍڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٺهراءُ ۾ تعليمي ادارن، سياسي، مذهبي ۽ سماجي تنظيمن، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي تي زور ڏنو ويو ته نوجوان نسل ۾ امن، برداشت، ڀائيچاري ۽ عدم تشدد جو شعور اجاگر ڪيو وڃي، جڏهن ته نفرت انگيز تقريرن، انتهاپسندي، منشيات ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ گڏيل طور عملي ڪردار ادا ڪيو وڃي. ڪانفرنس ۾ عالمي امن جي حوالي سان پاڪستان جي عالمي سطح تي سفارتي ڪردار ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ ثالثي جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو ويو اڳواڻن گڏيل پڌرنامي ذريعي مطالبو ڪيو ته هٿيارن کان پاڪ، پرامن ۽ محفوظ معاشري جي قيام لاءِ حڪومت، انتظاميا ۽ سول سوسائٽي گڏجي پنهنجون ذميواريون ادا ڪن. ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو پنهنجي علائقن ۾ امن، محبت، ڀائيچاري ۽ برداشت جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا

بقايا عوامي سوچ 10

ماءُ آهي" مهم جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ پروقار شموليت تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي اڳواڻي ايس ٽي پي ڪراچي ڊويزن جي صدر اعجاز ساماڻيو ۽ حاجي حنيف لغاري ڪئي. تقريب ۾ پارٽي ڪارڪنن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڪيترين ئي عورتن، نوجوانن ۽ بزرگن سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ باقاعده شموليت جو اعلان ڪيو پارٽي ۾ شامل ٿيندڙ عورتن ۾ مرادي بي بي، خالا گل بانو فوزيه، خالا زينب ۽ ٻيون شامل آهن، جن سميت مجموعي طور 20 عورتن پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو عزم ظاهر ڪيو. ان موقعي تي اعجاز ساماڻيو ڊاڪٽر مظهر ميمڻ، راشد صدائيو عورت ونگ ڪراچي جي صدر سعيده گوپانگ، حاجي حنيف لغاري، مولا بخش ميمڻ، مير محمد لاشاري، ذوالفقار بلوچ، شعيب بلوچ، ڪرشن داس، زاهد مڪراني، جاويد ڪوسو ۽ ميڊم نرگس سلمان بلوچ سميت ٻين اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ اسان جي مقدس ڌرتي ماءُ آهي، جنهن جي جاگرافيائي ۽ قومي وحدت تي ڪنهن به صورت ۾ سوديبازي نه ڪئي ويندي. هنن چيو ته سنڌ کي ورهائڻ جون سوچون رکندڙ عنصر اهڙا خيال پنهنجي ذهنن مان ڪڍي ڇڏين، ڇاڪاڻ ته سنڌ جو ٻچو ٻچو پنهنجي ڌرتي، قومي سڃاڻپ ۽ وحدت جي حفاظت لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اڳواڻن وڌيڪ اعلان ڪيو ته 29 نومبر تي مزار قائد ڪراچي ۾ ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف هڪ تاريخي ۽ شاندار احتجاجي ريلي ۽ جلسو منعقد ڪيو ويندو. هنن چيو ته اهڙن پروگرامن جو بنيادي مقصد عوام ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، قومي سڃاڻپ ۽ وحدت بابت شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي

بقايا عوامي سوچ 11

ڪنن پاران شاندار ۽ شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي گلن جو گلدستو، گلن جو هار ۽ گرمجوشي سان نعرا هنيا ويا. تقريب دوران 12 رڪني تنظيمي ڪميٽي سرپرست اعليٰ عبدالمجيد ڪوڪر کي تنظيم جي ڪارڪردگي ۽ برادري جي ڀلائي لاءِ هاڻي تائين کنيل قدمن بابت تفصيلي ۽ ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي. هن موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي سرپرست عبدالمجيد ڪوڪر چيو ته برادري کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ انهن جي حقن جي حفاظت لاءِ سڀني ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ٿيڻو پوندو. هن زور ڏنو ته صرف باهمي اتحاد، اتفاق راءِ ۽ تنظيم ذريعي ئي برادري جي مسئلن کي مؤثر طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو. تقريب ۾ اڳوڻي عهديدارن، تنظيم جي ميمبرن ۽ برادري جي معززين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 12

ٽي ڏينهن اڳ ڏانوداندل واقعي واري هنڌ پهچي جائزو ورتو ۽ فوت ٿيل وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو پي پي ايچ آئي توڙي صحت کاتي جون ڪوتاهيون ڪڏهن برداشت نٿا ڪري سگهو وارثن سان هر وقت گڏ آهيون اڳواڻ انهي موقعي تي ڊي ايچ او ڊاڪٽر ليڪراج سارنگاڻي پي پي ايچ آئي ڊي ايم ابراهيم ڪنير اڳوڻو تعلقه صدر ڏاڏا آدم هنگورجو تعلقه صدر سراج سومرو ٽائون چيئرمن ڪمليش ڪمار وڏيرو غلام محمد جوٽيجو رٽائرڊ مختياڪار غلام مصطفي ڪوسو سيد پورل شاهه نواز سومرو حاجي ڪليم الله سمون علي خاصخيلي ذوالفقار علي سمون تاراچند ميگهواڙ اي ايس آئي سليمان هنگورجو منيش ڪمار رتناڻي رميش ڪمار ڪي پي ديپڪ شرما سچن واشو منيش ڪمار ڏناڻي ساٿس گڏ

بقايا عوامي سوچ 13

ن سبب هن اسپتال جي بلڊنگ ڊهڻ سان ڪنهن به وقت ڏانوداندل جهڙو واقعيو رونما ٿي سگهي ٿو 10 هزار کان مٿي اوپي ڊي رکندڙ هن اسپتال کي رورل هيلٿ سينٽر کان اپ گريڊ ڪري BHU جو ته درجو ته ڏنو ويو پر هن اسپتال کي نئين بلڊنگ نه ڏني ويئي. ڪجهه ڏينهن اڳ تازو معطل ٿيل ڊي ايم صوبيدار شاهاڻي چيلهار اسپتال پهچي هتان جي ڊاڪٽرن ،علائقي جي معزز ماڻهن سان روبرو ملاقاتون ڪيون. جنهن علائقي واسين بلڊنگ جي ناڪاره هئڻ سان گڏ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ مڊ وائف جي ڪوٽ ايمبولينس ڊرائيور جي ڪوٽ ۽ دوائن جي ڪوٽ هئڻ جون دانهون ڪيون پر ان جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو. هتان جي علائقي واسين صحت جي اعليٰ اختيارين ۽ اي او پي پي ايچ آء کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چيلهار اسپتال جي بلڊنگ جو بنا دير جي مرمتي ڪم ڪرائي ڏانوداندل جهڙي واقعي ٿيڻ کان اڳ اپاءُ ورتا وڃن ۽ اسپتال کي ٻيون گهربل سهولتون ڏيئي علائقي واسين علاج لاءِ دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 14

آڏو مختيارڪار دادو ۽ سندس عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ديهه جنگ، تعلقه دادو ۾ سندس 38 ويسا زرعي زمين جا ڪاتا سال 2019ع ۾ پئسن عيوض تبديل ڪري سرڪاري رڪارڊ ۾ هٿ چراند ڪئي وئي آهي. هن الزام لڳايو ته مختيارڪار دادو عبدالحميد ڪوڪر، تپيدار محمد شفيق پنهور ۽ سپروائيزر حنيف ابڙو سندس زرعي زمين جي رڪارڊ ۾ ڦيرڦار ڪري ڪاتا تبديل ڪيا آهن، جڏهن ته شاهه پسند هنگورو ۽ سندس ساٿين به پئسن عيوض رڪارڊ ۾ تبديليون ڪرايون آهن. فقير غلام حسين هنگوري وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ مٿس سخت تشدد ڪري ڪيس ڳوٺ کان ٻاهر جهنگ واري علائقي ۾ اڇلايو ويو، جنهن سبب سندس هڪ اک ضايع ٿي وئي ۽ ٽنگ کان به معذور ٿي ويو آهي. هن دعويٰ ڪئي ته هن وقت مختيارڪار دادو ۽ سندس عملو سندس مخالف ڌر جي حمايت ڪري رهيو آهي، هن چيو ته سرڪاري زمين جي رڪارڊ ۾ هٿ چراند سبب برادرين وچ ۾ خوني تڪرار جنم وٺي رهيا آهن، جڏهن ته هو پاڻ ان صورتحال جو جيئرو جاڳندو مثال آهي، هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته ڊپٽي ڪمشنر دادو پاران انڪوائري ڪرڻ بعد جاري ڪيل ليٽر ۾ سندس موقف کي درست قرار ڏنو ويو آهي. فقير غلام حسين هنگوري چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير، چيف سيڪريٽري سنڌ، پيپلز پارٽي ضلعي دادو جي صدر پير مجيب الحق، ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مختيارڪار دادو ۽ سندس عملي خلاف الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، سندس زرعي زمين جو اصل رڪارڊ بحال ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ هو احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ تي مجبور ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 15

جي وفد تعلقي ننگرپارڪر جو تفصيلي تنظيمي دورو ڪيو. تعلقي ننگرپارڪر ۾ تعلقي سطحي اهم تنظيمي اجلاس منعقد ڪيو ويو. اجلاس جي صدارت تعلقي امير مولانا محمد عمر فاروق چانڊيو ڪئي. اجلاس جا مهمان خاص ضلع امير مولانا عزيز الله ساند هئا. اجلاس ۾ تعلقي جنرل سيڪريٽري محمد حسن چانڊيو مختلف يونٽن جا امراءِ، عمومي ميمبر ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ضلع امير پاران تنظيمي صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ ايندڙ امن عالم اجتماع ۽ ڪانفرنس سکر جي تيارين تي بريفنگ ڏني وئي. ضلع امير اعلان ڪيو ته تعلقي ننگرپارڪر مان قافلن جي صورت ۾ وڏي انگ ۾ عوام سکر اجتماع ۾ ڀرپور شرڪت ڪندو. ان موقعي تي ضلع امير مولانا عزيز الله ساند ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري ۽ بدامني تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته نااهل حڪمرانن غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. بجلي، گيس ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ مسلسل واڌ غريب دشمني آهي، حڪومت فوري طور مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري. اجلاس کان پوءِ ضلع امير وفد سان گڏجي ڳوٺ ڏانو ڏانڌل پهتو جتي گيس سلينڊر ڌماڪي سبب فوت ٿي ويلن جي وارثن سان تعزيت ۽ مغفرت جي دعا ڪئي. وفد ۾ قاري احمد علي درس، حافظ قمر بجير، محمد حسن چانڊيو ۽ ٻيا ذميوار ساٿس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 16

لاءِ سيمينار عوامي هائوس مٺي تي ٿيو جنهن ۾ سنڌي هاري تحريڪ سنڌي شاگرد تحريڪ سڄاڳ ٻار تحريڪ سنڌي مزدور تحريڪ سميت ٿرجي سمورن تعلقن مان اڳواڻن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي عوامي تحريڪ ٿرپارڪر جي نئين باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ صدر اوڀايو جوڻيجو نائب صدر رحمان نهڙيو جنرل سيڪريٽري سوجهرو ميگهواڙ جوائنٽ سيڪريٽري عمر بجير خزانچي پرتاب ڪولهي پريس سيڪريٽري اي بي چارو ليگل ايڊوائيزر وڪيل ديال صحرائي، آفيس سيڪريٽري ماجد پسايو ثقافتي سيڪريٽري ديپ راٺوڙ ميمبرن ۾ پياسي ميگهواڙ مارو قاسماڻي اوٺو سرويچ امرسنگ پيل چونڊيا ويا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ وڪيل وسند ٿري وڪيل اسماعيل خاصخيلي اوڀايو جوڻيجو دولت ميگهواڙ رحمان نهڙيو ڪينهراج ڪولهي دسرت جئيپال لو لڪاڻي عمر بجير ڏاهو ڪولهي وڪيل ديوت اي بي چارو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تسنڌ کي انتظامي يونٽن ۽ نون صوبن جي نالي ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي خطرناڪ سازشن. سنڌ جي زمينن ۽ معدني وسيلن تي ناجائز قبضن، جلالپور سميت سنڌوءَ نديءَ تي غيرقانوني ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير، 28 هين آئيني ترميم، هارين ۽ آبادگارن کي فصلن جا مناسب اگهه نه ڏئي ڪين تباهه ڪرڻ خلاف عوامي تحريڪ ضلعي ٿرپارڪر جو ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ ڏانوداندل اسپتال ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي ۾ 10 قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪئي ويئي. اڳواڻن چيو ته اسان هن افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدارانہ جاچ جو مطالبو ڪريون ٿا ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ ذميوارن جو تعين ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 17

۾ شاهه ميناري پرسان سکر ۾ سمورن ذميوارن جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ تحفظ ناموس رسالت ، تحفظ ناموسِ صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت اطهار جي عزت ۽ عظمت جي تحفظ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو. جڏهن ته ملڪ جي سلامتي ۽ موجوده حالتن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو.اجلاس جي صدارت قائد ڊويزن سکر حضرت مولانا عبدالله ڦلپوٽو ڪئي، جڏهن ته اجلاس جي ڪارروائي پيڪرِ جود وسخا حافظ محمد زمان رباني، جنرل سيڪريٽري سني سلامتي پاڪستان ڊويزن سکر هلائي. اجلاس ۾ اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ ڪيترائي اهم فيصلا پڻ ڪيا ويا.اجلاس جي پڄاڻي تي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو ويو ته گهوٽڪي، سکر ۽ خاص طور خيرپور ۾ اهل سنت کي پٺ سان لڳائڻ جي منظم سازش ڪئي پئي وڃي، جنهن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته اهل سنت جي اڳواڻن جي سيڪيورٽي اچا تائين بحال نه ٿيڻ افسوسناڪ عمل آهي، لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺن.پريس بيان ۾ مطالبو ڪيو ويو ته 22 نومبر تي سني خيرپور ۾ رٿيل ڪانفرنس جي حوالي سان پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۽ خدشن جو جائزو وٺي سمورن لاڳاپيل ڌرين سان قانون موجب هڪجهڙو رويو اختيار ڪيو وڃي، جيئن شهر ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رهي،وڌيڪ مطالبو ڪيو ويو ته خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف چاچڙ جي ڪردار جو جائزو وٺي سندس بدلي واري مطالبي تي غور ڪيو وڃي، آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي، استحڪام، امن امان ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي ته رب العالمين وطن عزيز پاڪستان کي هميشه شاد ۽ آباد رکي.

بقايا عوامي سوچ 18

پسندي جي رستي بجاءِ قلم ۽ ڪمپيوٽر ڏنو وڃي. انتها پسندي ۽ دهشتگردي سبب پاڪستان سخت متاثر ٿيو آهي، مذهبي انتها پسندي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، مسلمان ڪنهن به ملڪ جي پيراڪسي ٿيڻ بجاءِ پاڻ ۾ ڀائيچارو پيدا ڪن. ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مرڪز ولايت علي عليہ السلام پاڪستان جي سربراهه سيد علي رضا جاني شاهه چيو ته اختلافن سبب امت ڪمزور ٿي رهي آهي، پاڻ ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ برداشت ڪرڻ سان روحاني فيض نصيب ٿيندو آهي، هن چيو ته نوجوان ملڪ جو سرمايو آهن، انهن کي انتها پسند بڻائڻ بجاءِ تعليم طرف مائل ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. ان موقعي تي سيد محسن علي شاهه سيد افتخار علي شاهه،اقبال حسين جعفري، سيد سجاد علي شاهه، سيد جمن شاهه زوار نظام الدين جتوئي، زوار رحمت الله ڪسر، زوار بند علي جتوئي، رياض حسين جتوئي، فياض حسين سومرو زوار بهادر علي منگريو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 19

جهيڙو ٿي پيو نتيجي ۾ علي حسن عرف لوٽو ڏاهاڻي ۽ ٻن عورتن سميت 4 ڄڻا قتل ٿي ويا لاش واقعي واري هنڌ پيل پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي پوليس 4 ڄڻن جي قتل جي تصديق ڪئي وئي پنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ برقرار 4 ڪلاڪن کان فائرنگ جو سلسلو هلندڙ

بقايا عوامي سوچ 20

پنهنجي ٽيم سميت جيڪب آباد پهچي ويو جتي ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جيڪب آباد جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي آل پاڪستان صحافت ڪائونسل جي چيئرمين فرقان سلطان چيو ته صحافي پاڪستان جو چوٿون ٿنڀ آهن. صحافي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي عوام جو آواز بڻجن ٿا. آل پاڪستان صحافت ڪائونسل ملڪ جي مختلف اخبارن ۽ ميڊيا سان لاڳاپيل صحافين کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندي، پر سندن حقن ۽ مسئلن لاءِ سڄي پاڪستان ۾ آواز اٿاريندي، هن وڌيڪ چيو ته صحافين جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ منهنجا دروازا ۽ موبائل فون 24 ڪلاڪ کليل آهن. ان موقعي تي آل پاڪستان صحافت ڪائونسل رجسٽرڊ جي چيئرمين فرقان سلطان، ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جيڪب آباد جي صدر محمد علي سرهيو کي پنهنجي ٽيم ۾ شامل ڪندي ڪيس آل پاڪستان صحافت ڪائونسل جو ضلعي صدر جيڪب آباد چونڊجڻ جو اعلان ڪيو تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جي عهديدارن عبدالستار، نويد احمد سومرو، خير محمد داٿيو بلاول رند، تاج محمود سميت ٻين صحافين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 21

ري اسڪول جي حالت انتهائي خراب هجڻ سبب شاگردن جي تعليمي سرگرمين ۽ تدريسي ماحول بابت ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي. اسڪول جي خراب حالت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن توڙي سندن والدين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هڪ طرف حڪومت پاران تعليم جي بهتري، اسڪولن جي ترقي ۽ شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، ته ٻئي طرف ڳوٺ عيدو چانگ جو پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن ۽ بهتر تعليمي ماحول کان محروم نظر اچي رهيو آهي. اسڪول جي موجوده صورتحال کي ڏسندي اهو اهم سوال پيدا ٿئي ٿو ته اسڪولن جي بهتري ۽ سهولتن جي فراهمي لاءِ جاري ٿيندڙ ايس ايم سي (SMC) فنڊ آخر ڪٿي ۽ ڪيئن استعمال ٿي رهيا آهن؟ جيڪڏهن اسڪولن لاءِ فنڊ فراهم ڪيا وڃن ٿا ته پوءِ اسڪولن جي حالت ۾ سڌارو ڇو نٿو اچي؟ ڇا ايس ايم سي فنڊن جي استعمال بابت باقاعده نگراني ۽ جاچ ڪئي وڃي ٿي؟ ڳوٺاڻن ۽ والدين پاران لاڳاپيل تعليم کاتي جي اختيارين، ضلعي تعليمي آفيسرن ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ڳوٺ عيدو چانگ جي پرائمري اسڪول جي خراب حالت جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول جو دورو ڪيو وڃي، ايس ايم سي فنڊن جي استعمال بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جيئن معصوم شاگردن کي بهتر، محفوظ ۽ سازگار تعليمي ماحول ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 22

۽ جي حلف برداري تقريب جامع مسجد اقصيٰ، ڪوسڪي روڊ بدين ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ جماعت اسلامي جي برادر تنظيمن جي ذميوارن، معزز شهرين ۽ جماعت جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽرين عبدالقدوس احمداڻي ۽ الطاف احمد ملاح، اڳوڻن ضلعي اميرن سيد دائود شاهه گيلاني، انجنيئر سيد علي مردان شاهه گيلاني، غلام رسول احمداڻي ۽ پير علي احمد شاهه سميت پروفيسر علي احمد بليدي، جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم بليدي، تنظيم اساتذه سنڌ جي سيڪريٽري پروفيسر عبدالحفيظ احمداڻي ۽ تنظيم اساتذه ضلعي بدين جي صدر پروفيسر راٺو اعظم شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس احمداڻي چيو ته عهدو الله تعاليٰ جي امانت آهي، جنهن کي ايمانداري ۽ احساس ذميواريءَ سان نڀائڻ ضروري آهي. سيد ابوالاعليٰ مودوديءَ جو قائم ڪيل مشن مسلسل اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ نوجوان وڏي انگ ۾ جماعت اسلامي ۾ شامل ٿي رهيا آهن. ان موقعي تي جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نئين چونڊيل امير الله بچايو هاليپوٽو خطاب ڪندي چيو ته مٿس جيڪا ذميواري عائد ڪئي وئي آهي، اها الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪندي قبول ڪري ٿو. انشاءالله جماعت جي اعتماد تي پورو لهڻ ۽ دين جي خدمت لاءِ پنهنجيون سموريون صلاحيتون استعمال ڪندو

بقايا عوامي سوچ 23

سي آءِ اي (NCCIA) ڪيس ۾ ضمانت ملي وئي. اقرار الحسن تي سوشل ميڊيا ذريعي مبينا طور رياست مخالف مواد پکيڙڻ جو الزام آهي. عدالت اقرار الحسن کي 2 لک رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. واضح رهي ته 22 آڪٽوبر 2026ع تي عدالت اقرار الحسن جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي هئي. ضمانت منظور ٿيڻ ڪانپوءِ اقرار الحسن جي جيل مان آزاديءَ جي راهه هموار ٿي وئي.

بقايا عوامي سوچ 24

ويو. ڪاڻ پوليس مقتولا فرزانا مري جي پيءُ حاجي خان سميت 5 ڄڻن خلاف قلم 109، 302 ۽ 311 تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پر 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي ٿي طرف ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ قتل ٿيل فرزانا مري ڪانپوءِ هڪ ٻي عورت پنهنجي مڙس ۽ معصوم نياڻي جي جان بچائڻ لاءِ تحفظ جي دانهن ڪئي ايوان صحافت ميرپورخاص پهچي وئي. ڪاڻ ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ميرو مري جي رهواسڻ مسمات شڪيلا مري پنهنجي ڏير جي زال زليخان مري سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سندن ڳوٺ پرسان رهندڙ وڏيري پورو مري، سندس پٽن ۽ پاٿلين ٻن ڏينهن اڳ سندس 26 ورهين جي نوجوان ڌيءَ فرزانا مري کي ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ ست گوليون هڻي قتل ڪيو هن ٻڌايو ته ست مهينا اڳ سندس مڙس آصف مري تي مقتولا فرزانا مري سان ڪاروڪاريءَ جو الزام لڳايو ويو هو جنهن ڪانپوءِ هو گذريل ستن مهينن کان علائقي جي معززن ۽ فرزانا جي والد پورو مري آڏو پنهنجي صفائي پيش ڪندا رهيا، پر سندن ڪا به ڳالهه نه ٻڌي وئي ۽ آخرڪار سندس ڌيءَ کي ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ قتل ڪيو ويو. شڪيلا مري وڌيڪ الزام هنيو ته ڪجهه عرصو اڳ سندس مڙس کي فيصلي لاءِ مسجد ۾ گهرايو ويو جتي پورو مري، علي گل، شاهه مراد، خالق، اياز ۽ حاجي مري مٿس فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ سندس مڙس معجزاتي طور بچي ويو هن دعويٰ ڪئي ته انهن ئي ماڻهن 15 سال اڳ سنڌ پوليس جي انسپيڪٽر چيتن ڪولهي ۽ چانڊيو برادريءَ جي هڪ نوجوان کي به گوليون هڻي قتل ڪيو هو جڏهن ته هاڻي سندس ڌيءَ فرزانا کي قتل ڪري ان جو الزام سندس مڙس آصف مري تي لڳايو پيو وڃي. متاثر عورت موجب سندس مڙس هن وقت گم آهي ۽ هوءَ گهر ۾ پنهنجي 6 ورهين جي نياڻي ۽ ڏير جي زال سان گڏ اڪيلي رهيل آهي ڪيس ۽ سندس ڌيءَ کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هن الزام هنيو ته ڪاڻ ٿاڻو وڏيرن جي اوطاق بڻيل آهي، پوليس جو سب انسپيڪٽر مبين ۽ ٻيا اهلڪار سندن گهر حفاظت لاءِ اچڻ بدران ڪانئڻ مانئي ۽ ڪير پتي چانهه ڏهرائين ٿا ۽ پوءِ مبينا طور جوابدار پورو مري جي اوطاق تي وڃي شراب پيئن ٿا. هن وڌيڪ الزام هنيو ته پورو مري جا اهي پاٿليا، جيڪي پوليس ۾ ملازم آهن، وردي جو ناجائز فائدو وٺي علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙي رهيا آهن متاثر عورتن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، سنڌ خلاف ڪنهن به سازش کي برداشت نه ڪيو ويندو. هن چيو ته جيڪڏهن ڪو به سنڌ ڏانهن ميري اک سان ڏسندو ته سنڌ جا ست ڪروڙ ماڻهو ان جو ڀرپور مقابلو ڪندا. ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ منهنجي امان تحريڪ جي سلسلي ۾ مير غلام علي پارڪ روڊ تي 29 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ رٿيل جلسي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ منعقد ڪيل عوامي جلسي کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي وڌيڪ چيو ته حڪمرانن کي خبردار ڪريان ٿو ته جيڪي نون صوبن جا حامي آهن، اهي سنڌ ۾ اچي ورهاڱي جا نعرا هڻي ڏيکارين، ڪين واپس وڃڻ نه ڏنو ويندو. حڪمرانن کي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ملڪ هن وقت نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. هن چيو ته اسلام آباد جي روشني ۽ ملڪ جي معاشي سرگرمين جو وڏو دارومدار سنڌ تي آهي، ڪراچي بندرگاهه ۽ پورٽ قاسم ذريعي سڄي دنيا مان مشينري ۽ سامان جي آمد ملڪ جي صنعتن کي هلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. فيصل آباد ۽ گجرات جا ڪارخانا به سنڌ جي بندرگاهن وسيلي پهچندڙ سامان ۽ سهولتن سان پنهنجو ڪاروبار جاري رکن ٿا. سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ دراصل سڄي پاڪستان جي معاشي ساهه کي دٻائڻ برابر آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته اسان پاڪستان سان گڏ آهيون ۽ ملڪ کي ترقي يافته، خوشحال ۽ جمهوري پاڪستان طور ڏسڻ چاهيون ٿا، پر حڪمرانن کي گهرجي ته سنڌ خلاف سازشون ڪندڙ وزيرن بابت پنهنجي پاليسي واضح ڪن ۽ اهڙن وزيرن کي وفاقي وزارتن مان خارج ڪن. پيپلزپارٽي بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پيپلزپارٽي جا اڳواڻ هميشه ڏکئي وقت ۾ سنڌ کي اڪيلو ڇڏي ميدان مان ڀڄي ويندا آهن. اسان پنهنجي سياسي حڪمت عملي سان پيپلزپارٽي کي هن ڀيري ميدان ۾ بيهاريو آهي ته جيئن اها سنڌ جي حقن تان پوئتي نه هٽي. جيڪڏهن هن ڀيري به پيپلزپارٽي پاڙ تي پهچي وئي ته سياسي طور هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن پاران سنڌ خلاف ڪيل سازشن کي سنڌ جو ست ڪروڙ عوام اڳ ئي رد ڪري چڪو آهي. سنڌ اسان جي ماءُ آهي، ان خلاف سازشون ڪندڙن کي اهڙيون حرڪتون بند ڪرڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ عوام سندن لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪندو.ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ٽنڊو محمد خان ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت سنڌ دشمن عنصرن لاءِ واضح پيغام آهي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي بقا ۽ وحدت لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو پڪو عزم رکن ٿا.ان موقعي تي ڊاڪٽر حميد ميمڻ، نثار ڪيريو، ڊاڪٽر احمد نوناري، نصرت سحر، گلزار سومرو، هوت خان گاڏاهي، قادر بخش چنا، اقبال حاجاڻو ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 26

ي ،ڳينو ڪولهي ۽ راجيش ڪولهي چيو ته ميونسپل ڪميٽي ماتلي جا ملازم دلشاد خاصخيلي ۽ ذيشان چيڙ هڪ ڪان چار اسڪيل جون نوڪريون وٺرائي ڏيڻ بهاني مختلف وقتن تي اسان ويہ ڄڻن ڪان تقريبن 51 لک روپيه ورتا آهن پر نوڪريون نه ملي سگهيون وڌيڪ چيو ته اسان هاڻ جڏهن پئسا واپس گهري رهيا آهيون ته اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن ڪجهه وقت پهرين حاجي سانوڻ تي حاجي هاشم ڪوسو فيصلو ڪيو اهڙي لکت به اسان وٽ موجوده آهي پر افسوس جو ان فيصلي تي به عمل نه ٿي سگهيو ۽ اسان کي رقم واپس نه ٿي سگهي ۽ چيو ته اسان غريب مسڪين پنهنجي در تي بيٺل جيڪو چوپايو مال هو اهو کپائي قرض کڻي پئسا ڏنا ته روزگار ملي پوندو پر اسان کي ڪهڙي خبر ته اسان سان فراڊ ٿي رهيو آهي جيڪڏهن ڪنهن چڱي کي دانهن ٿا ڏيون ته اهو به اسان جي داد فرياد ٻڌڻ بجاءِ هنن جي طرفداري ٿا ڪن هنن پ پ چئرمين بلاول ڀٽو زرداري ، وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سميت وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 27

د احمد ڪوري، امداد علي ڪوري، حبيب الله ڪوري، شفيع محمد ڪوري، شاهد حسين ڪوري، شريف ڪوري ۽ بلاول ڪوري جي اڳواڻي ۾ بااثر شخص خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن دانهيندي الزام هنيو ته بااثر شخص تسليم ڪوري، جيڪو ٽائيم نيوز جو سگهيون ۾ رپورٽر آهي، اٺ ڏينهن اڳ مختيار علي جي گهر کي باهه ڏئي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل هنڌ، وهاڻا، ڪٽون، روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ الزام لڳايو ته واقعي خلاف سگهيون پوليس چوڪي تي رپورٽ داخل ڪرائڻ باوجود تسليم ڪوري مبينا طور صحافت جي آڙ وٺي اسان خلاف سوهو ديرو ٿاڻي تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي. هنن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي باهه ڏيڻ ۽ ڪوڙي ايف آءِ آر بابت لڳايل الزامن جي حقيقت سامهون آڻي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 28

جو قدم، 23 هزار 242 کان وڌيڪ غير رجسٽرڊ عورتن جي نشاندهي جو هدف مقرر، استادن ۽ سماجي رابطا ڪارن کي تربيت ڏني وئي. قمبر = اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ پاران ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال قمبر ۾ جامع قومي شناختي ڪارڊ ۽ ووٽر رجسٽريشن منصوبي تحت سماجي رابطا ڪارن ۽ معلومات گڏ ڪندڙ عملي لاءِ تعارفي ۽ تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جي خاص مهمان ڊائريڪٽر جنرل صنفي برابري ۽ سماجي شموليت اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ميڊم نگهت صديق هئي، جڏهن ته جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر طاهر منصور خان، ريجنل اليڪشن ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊويزن عبدالواحد، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ عنايت الله جمالي، ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالله شاهه ، ڊپٽي ڊائريڪٽر شبير احمد، اسسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر ڪاشف عنايت ۽ فوڪل پرسن عبدالباسط پڻ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي تربيتي پروگرام دوران استادن، سماجي رابطا ڪارن ۽ معلومات گڏ ڪندڙ عملي کي آگاهي ڏني وئي ته هو پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ گهر گهر وڃي اهڙين عورتن جي نشاندهي ڪن، جن جا قومي شناختي ڪارڊ ٺهيل ناهن يا جيڪي ووٽر لسٽن ۾ رجسٽرڊ ٿيل ناهن شرڪت ڪندڙن کي عورتن جي بنيادي معلومات گڏ ڪرڻ عورتن جي نشاندهي ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته 100 کان وڌيڪ رضاڪارن ذريعي گهر گهر وڃي عورتن جي رجسٽريشن واري عمل ۾ مدد فراهم ڪئي ويندي منصوبي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ نادرا، ضلعي انتظاميا، لاڳاپيل سرڪاري ادارن، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي سهڪار سان گڏيل طور ڪم ڪيو ويندو. جيئن قومي شناختي ڪارڊ کان محروم عورتن کي شناختي دستاويز حاصل ڪرڻ ۽ ووٽر طور رجسٽرڊ ٿيڻ ۾ سهولت ملي سگهي. اليڪشن ڪميشن جي عملدارن موجب منصوبي جو بنيادي مقصد عورتن کي قومي شناختي ڪارڊ جاري ڪرائڻ واري عمل ۾ سهولت ڏيڻ، مردن ۽ عورتن جي ووٽرن وچ ۾ موجود فرق گهٽائڻ ۽ عورتن جي جمهوري توڙي چونڊ عمل ۾ ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 29

رملي ڊاڪٽر عمير اشرف شهر اندر غيرقانوني آتشبازي، پٽاخن ۽ ڌماڪيدار سامان جي خريد ۽ وڪري خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو اعلان ڪندي واضح ڪيو آهي ته شهرين جي جان ۽ مال کي خطري ۾ وجهندڙ ڪنهن به عنصر سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر عمير اشرف چيو ته غيرقانوني طور آتشبازي جو سامان وڪرو ڪندڙ، ذخيرو ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙ ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته پڪڙجي ڪندڙ دڪانن کي سيل ڪرڻ سان گڏ ذميوار ماڻهن خلاف قانوني قدم کنيا ويندا. هن چيو ته آتشبازي ۽ پٽاخن جي غيرمحفوظ استعمال سبب باهه لڳڻ، ڌماڪن، انساني جانين جي نقصان ۽ ملڪيتن کي نقصان پهچڻ جا سنگين خطرا موجود آهن خاص طور تي ٻارن ۽ شهرين جي حفاظت کي نظر ۾ رکندي غيرقانوني آتشبازي جي ڪاروبار جي اجازت نه ڏني ويندي. ڊاڪٽر عمير اشرف لاڳاپيل کاتن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته شهر جي سمورن علائقن ۾ آتشبازي جو سامان وڪرو ڪندڙ دڪانن جي نگراني ڪئي وڃي ۽ غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي. شهر جي بازارين رش ۽ سوڙهين هندن واري جاءِ تي وڪري جي اجازت هرگز ن هوندي هن وڌيڪ چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ انتظاميا جي پهرين ترجيح آهي ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن به قسم جو دٻاءُ، سفارش يا رعايت قبول نه ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 30

هو مرحوم غريبن جو پيرجهلو يتيمن جو يار ۽ بيوس توڙي لاچار ماڻهن جو سهارو بڻيل هو. هو مسڪين خاندانن جي مدد ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو هو ۽ ڪيترن ئي ضرورتمند خاندانن ۾ باقاعدگيءَ سان راشن ورهائي سندن ڏکيائين ۾ ساٿ ڏيندو هو سندس اوچتي وڇوڙي سان نه رڳو وارثن ۽ مٽن مائٽن پر انهن غريب خاندانن ۾ به ڏک جي لهر ڇانئجي وئي، جن لاءِ هو اميد ۽ سهاري جي علامت هو بيشڪ ڪجهه ماڻهو پنهنجي دولت نه، پر پنهنجي ڪردار، نيڪين ۽ انسانيت جي خدمت سبب تاريخ ۾ زنده رهندا آهن الهوسايو مري جو نالو به اهڙن انسانن ۾ ياد رکيو ويندو جن جي جسماني وڇوڙي باوجود سندن نيڪ ڪردار جي خوشبو ماڻهن جي دلين ۾ سدائين مهڪندي رهندي.

بقايا عوامي سوچ 31

۾ صدر نظير احمد چانڊيو پنهنجي ٽيم سان گڏ آري بکر ڪالوني جي دڪاندارن زاهد پنهور، امام الدين ريٽي، علي گل پنهور، محمد خان پنهور، اظهر حسين پنهور ۽ طارق پنهور سميت ٻين واپارين سان سندن دڪانن تي وڃي ملاقاتون ڪيون. ملاقاتن دوران ايوان صحافت پريس ڪلب جو باني ۽ سينيئر صحافي غلام سرور پنهور، واپاري غلام حيدر پنهور، عرفان علي ڪهڙو، صحافي نيڪ محمد پنهور، سيٺ حاجي حضور بخش پنهور، فدا حسين ڏاوچ، الياس چانڊيو شير خان منگي، حاجي خان لاٺيو پنهور، فوجي امام الدين پنهور، فوجي غلام شبير پنهور، شهزاد علي پنهور ۽ فراز سرور پنهور سميت ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي دڪاندارن پاران چيمبر آف ڪامرس جي صدر ۽ سندس ٽيم جو گلن جي ورکا ۽ گلن جي هارن سان شاندار استقبال ڪيو ويو. جڏهن ته واپارين چيمبر آف ڪامرس جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ ۽ تنظيم کي مضبوط بڻائڻ جو عزم پڻ ورجايو ملاقاتن دوران واپارين کي درپيش مسئلن، ڪاروباري سرگرمين جي بهتري ۽ تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

زيپ رابطا ڪميٽي جو چيئرمين جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ايڇ آءِ وي خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ سجاول پهتو

جتي هن شاهين هيومنٽي اين جي او جي اسپتال ۾ قائم ميڊيڪل سينٽر جو دورو ڪيو

ميڊيڪل سينٽر جي دوري دوران هن حڪومت کان مرض جي روڪٿام ۽ متاثر مريضن جي علاج لاءِ هنگامي قدم کڻڻ جو مطالبو

ايڇ آءِ وي جو مرض تيزيءَ سان پکڙجي رهيو آهي، پر ان جي روڪٿام لاءِ حڪومت طرفان گهربل قدم ناهن کنيا ويا

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) زيپ رابطا ڪميٽي جو چيئرمين جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ايڇ آءِ وي خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ سجاول پهتو، جتي هن شاهين هيومنٽي اين جي او جي اسپتال ۾ قائم ميڊيڪل سينٽر جو دورو ڪيو سنڌ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

صالح پٽ جي بارگاهه واسي ناظم علي ابوپوٽو پنهنجي ڌيءُ پٽ جي مبينا زيادتين ۽ ناروا روين خلاف احتجاج

سندس پنهنجو پٽ سندس جان جو ويري بڻجي ويو آهي هو ڪافي عرصي کان بيماري ۾ مبتلا آهي

پر افسوس جو سندس پٽ ڏکئي وقت ۾ سندس ڪا به سارسنڀال نه لڌي ۽ نه ئي ڪنهن قسم جو سهڪار ڪيو

ڪيس جاني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ڏياريو وڃي

صالح پٽ (رپورٽ:غلام نبي ميرجت) صالح پٽ جي بارگاهه واسي ناظم علي ابوپوٽو پنهنجي ڌيءُ پٽ جي مبينا زيادتين ۽ ناروا روين خلاف احتجاج ڪندي ايس ايس پي سکر ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي. احت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

فالج بابت عوامي آگاهي لاءِ ريلي، بروقت علاج جي اهميت تي زور

مٺي ۾ فالج بابت عوامي آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

جيڪا المهران اسڪول کان هاءِ اسڪول گرائونڊ تائين ڪڍي وئي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) فالج بابت عوامي آگاهي لاءِ ريلي، بروقت علاج جي اهميت تي زور مٺي ۾ فالج بابت عوامي آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ٺٽي ۾ مڪلي باءِ پاس تاج گيسولين پرائيويٽ لميٽيڊ جو 28 هون وائٽل ڪيفي ڪولي عوام اڏو متعارف ڪرايو ويو

سيد شير شاهه سيد ذيشان شاهه عاشي قريشي سان گڏ ربن ڪاٽي وائٽل ڪيفي جو افتتاح ڪري دعائون گهري آيل مهمانن کي وائٽل مشروبات پياري وئي

عاشي قريشي پاران آيل مهمانن جو استقبال ڪري ڪين سنڌ جي سوکڙي لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا

وائٽل گروپ آف ڪمپنيز جي سينيئر ٽيم، سول سوسائٽي جي اڳواڻن، شهري، صحافين، وڪيلن، اديبن استادن، شاعرن، واپارين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) وائٽل گروپ آف ڪمپنيز طرفان پهريون پيرو ٺٽي ۾ مڪلي باءِ پاس تاج گيسولين پرائيويٽ لميٽيڊ جو 28 هون وائٽل ڪيفي ڪولي عوام اڏو متعارف ڪرايو ويو. جنهن جو افتتاح اڳوڻي ايڊيشنل آءِ جي ASPسنڌ پوليس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڳوٺ حاجي ڪنيئرو جوکيو ۽ ڳوٺ سنجر هالاڻي جي رهواسين وچ ۾ سالن کان زمين جي حدبندي تان هلندڙ پراڻي تڪرار جو معائنو

يوسي ڪوهستان جي چيئرمين بابو غلام مصطفيٰ جوکيو ۽ ٻين معزز امينن سرزمين تي پهچي زمين جو جائزو ورتو

ڳوٺ حاجي ڪنيئرو جوکيو جا معزز علي حسن جوکيو ۽ حاجي يارو جوکيو پڻ موجود هئا

زمين جي حدبندي واري معاملي جو جائزو وٺڻ بعد امينن ۽ معززن وچ ۾ صلاح مشورو ڪيو ويو

جنگشاهي(رپورٽر) جنگشاهي ايت ڪوهستان يوسي ست پاڳي چار ۾ جوکيا برادري جي ڳوٺ حاجي ڪنيئرو جوکيو ۽ ڳوٺ سنجر هالاڻي جي رهواسين وچ ۾ سالن کان زمين جي حدبندي تان هلندڙ پراڻي تڪرار جو معائنو ڪيو ويو. ان موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڳڙهي خيرو ويجهو ڏاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هڪ ڄڻو قتل ۽ عورت سميت ڪجهه ماڻهو زخمي ٿيڻ جا اطلاع فائرنگ هلندڙ

ڳڙهي خيرو (مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ويجهو ڏاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هڪ ڄڻو قتل ۽ عورت سميت ڪجهه ماڻهو زخمي ٿيڻ جا اطلاع فائرنگ هلندڙ ڳوٺ دودو ڏاهاڻي ۾ ڏاهاڻي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو نتيجي ۾ 1 ڄڻو علي حسن عرف لونو ڏاهاڻي قتل ٿي ويو ۽ عورت سميت ڪجهه ماڻهو زخمي ٿي پيا پوليس واقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ورشهر جي عورت مريم ملاح جو ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم

ورشهر واسي عورت مريم ملاح پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي

سندس گهر تي مبينا طور ڪجهه ماڻهن طرفان ڪيس ۽ سندس خاندان کي سخت پريشان ڪيو پيو وڃي

جنهن سبب هوءَ پنهنجي نوجوان نياڻي ۽ معصوم ٻارن سميت سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهي آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ورشهر جي عورت مريم ملاح جو ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم. ورشهر واسي عورت مريم ملاح پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ٺٽو آڏو احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڇڏي آهي. مريم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ايس ايس پي ٺٽو پاران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ٽاٽوساڪرو جي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتارين جي حوالي سان بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ٽاٽوساڪرو جي پوليس ٽيم کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

اي ايس آءِ اسماعيل جوکيو، هيڊ محرر عبدالحسين جوکيو، الله ڏنو ۽ ڪانسٽيبلز احمد علي، نسيم احمد ۽ عنايت علي شامل آهن

ڏوهن جي خاتمي، منشيات جي روڪٿام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پوليس پنهنجون ڪارروايون وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ جاري رکندي

ٺٽو: رپورٽ (رپورٽ واحدشورو) ايس ايس پي ٺٽو پاران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ٽاٽوساڪرو جي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران ٽاٽوساڪرو جي حدن اندر ڏ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ٺٽي ۾ سماجي تنظيم پيغام پاران امن ڪانفرنس، هٿيارن جي خاتمي، قبائلي تڪرارن جي روڪٿام ۽ امن ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو مطالبو

هٿيارن جي خاتمي بابت عالمي هفتي (24 کان 30 آڪٽوبر) جي موقعي تي سماجي تنظيم پيغام (PAIGAM) پاران امن ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، صحافتي، تعليمي ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ سماجي تنظيم پيغام پاران امن ڪانفرنس، هٿيارن جي خاتمي، قبائلي تڪرارن جي روڪٿام ۽ امن ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو مطالبو هٿيارن جي خاتمي بابت عالمي هفتي (24 کان 30 آڪٽوبر) جي موقعي تي سماجي تنظيم پيغام (PAIGAM) پاران امن ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، صحافتي، تعليمي ۽ سول س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ايس ٽي پي مليرغازي ٽائون ۾ وڏي شموليت تقريب

عورتن، نوجوانن ۽ بزرگن جو سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان

اهڙن پروگرامن جو بنيادي مقصد عوام ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت، قومي سڃاڻپ ۽ وحدت بابت شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ايس ٽي پي مليرغازي ٽائون ۾ وڏي شموليت تقريب. عورتن، نوجوانن ۽ بزرگن جو سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) مليرغازي ٽائون پاران "سنڌ منهنجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

آل پاڪستان صحافت ڪائونسل رجسٽرڊ جو چيئرمين فرقان سلطان پنهنجي ٽيم سميت جيڪب آباد پهچي ويو

جتي ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جيڪب آباد جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي

صحافي پاڪستان جو چوٿون ٿنڀ آهن. صحافي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي عوام جو آواز بڻجن ٿا

جيڪب آباد (رپورٽر) سينيئر صحافي محمد علي سرهيو جي دعوت تي آل پاڪستان صحافت ڪائونسل رجسٽرڊ جو چيئرمين فرقان سلطان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڳڙهي خيرو ويجهو ڏاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا قتل ٿي ويا

ڳوٺ دودو ڏاهاڻي ۾ ڏاهاڻي ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

لاش واقعي واري هنڌ پيل پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي پوليس 4 ڄڻن جي قتل جي تصديق

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو ويجهو ڏاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا قتل ٿي ويا ڳوٺ دودو ڏاهاڻي ۾ ڏاهاڻي ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

موجوده دور نوجوانن جو آهي، جن کي انتها پسندي جي رستي بجاءِ قلم ۽ ڪمپيوٽر ڏانهن وڃي: علي رضا جاني شاهه

انتها پسندي ۽ دهشتگردي سبب پاڪستان سخت متاثر ٿيو آهي

مذهبي انتها پسندي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

ڏوڪري (رپورٽر) مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان جي سربراهه سيد علي رضا جاني شاهه چيو آهي ته موجوده دور نوجوانن جو آهي، جن کي انتها/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سني سلامتي پاڪستان ڊويزن سکر جو اهم اجلاس

تحفظ ناموسِ رسالت ﷺ، ناموسِ صحابه ڪرام رضه ۽ اهلِ بيت اطهار رضه جي تحفظ واري عزم جو ورجاءُ

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سني سلامتي پاڪستان ڊويزن سکر جي اهتمام هيٺ مرڪز اهلِ سنت، جامع محمد بن قاسم مسجد، معصو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

عوامي تحريڪ ٿرپارڪر ضلعي جي ڪانفرنس ۽ سنڌ جي اهم مسئلن توڙي ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏيڻ لاءِ سيمينار

شاگرد تحريڪ سڄاڳ ٻار تحريڪ سنڌي مزدور تحريڪ سميت ٿر جي سمورن تعلقن مان اڳواڻن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت

ان موقعي تي عوامي تحريڪ ٿرپارڪر جي نئين باڊي چونڊي وئي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) عوامي تحريڪ ٿرپارڪر ضلعي جي ڪانفرنس ۽ سنڌ جي اهم مسئلن توڙي ٿرپارڪر کي ڏڪار ستيل علائقو قرار ڏيڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ضلع امير مولانا عزيز الله ساند جو تعلقي ننگرپارڪر جو دورو _ مهانگائي خلاف سخت مذمت

وفد ۾ قاري احمد علي درس، حافظ قمر بجير، محمد حسن چانڊيو ۽ ٻيا ذميوار ساٿي گڏ هئا

جتي گيس سلينڊر ڌماڪي سبب فوت ٿي ويلن جي وارثن سان تعزيت ۽ مغفرت جي دعا ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) جمعيت علماءِ اسلام ضلع ٿرپارڪر جي امير محترم مولانا عزيز الله ساند صاحب جي قيادت ۾ ضلعي عمومي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ۾ 38 ويسا زرعي زمين جا ڪاتا پئسن عيوض تبديل ڪرڻ جو الزام

مختيارڪار ۽ عملي خلاف ڪارروائي جو مطالبو، احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ

زرعي زمين جو اصل رڪارڊ بحال ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ هو احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ تي مجبور ٿيندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ضلعي آبادگار ايسوسيئيشن جي چيئرمين ۽ دادو جي رهواسي فقير غلام حسين هنگورو دادو پريس ڪلب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

بي بي ايڇ آءِ هڪ ٻئي واقعي جي انتظار ۾ بنيادي صحت مرڪز چيلهار جي بلڊنگ زبون حال بڻيل

اسپتال بلڊنگ ۾ وڏا ڏار پئجي ويا جنهن سبب ڪنهن به وقت بلڊنگ ڊهڻ جو خطرو، صحت کاتو اگهور ننڊ ستل

اسپتال کي ٻيون گهربل سهولتون ڏيئي علائقي واسين علاج لاءِ دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي

مٺي- (ڊ ر محمدرحيم مگريو) : خبر موجب موجب BHUچيلهار جي بلڊنگ ۾ هن وقت ڪيترن ئي هنڌن تي وڏا وڏا ڏار پئجي چڪا آهن جنه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13



بنيادي صحت مرڪز پلس چيلهار
BASIC HEALTH UNIT PLUS CHELHAR
PPHI SINDH DISTRICT OFFICE THARPARKAR
Redefining Primary Healthcare

ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ٽي ڏينهن اڳ ڏانو ڏاندل واقعي واري هنڌ پهچي جائزو ورتو

فوت ٿيل وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو

فوت ٿيل وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) پاڪستان پيپلز پارٽي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

آل ڪوڪر آرگنائيزيشن روهڙي سکر جي سرپرست عبدالمجيد ڪوڪر جو مقامي هوٽل ۾ پهچڻ تي شاندار استقبال

ان موقعي تي گلن جو گلدستو، گلن جو هار ۽ گرمجوشي سان نعرا هنيا ويا

تنظيم جي ڪارڪردگي ۽ برادري جي ڀلائي لاءِ هاڻي تائين کنيل قدمن بابت تفصيلي ۽ ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) آل ڪوڪر آرگنائيزيشن روهڙي سکر جي سرپرست عبدالمجيد ڪوڪر جو مقامي هوٽل ۾ پهچڻ تي تنظيم جي عهديدارن ۽ ڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سيراڻي روڊ: ڳوٺ عيدو چانگ جو پرائمري اسڪول زبون حالي جو شڪار

ايس ايم سي فنڊن جي استعمال بابت سوال اٿي ويا، تعليم کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سيراڻي روڊ پرسان ڳوٺ عيدو چانگ ۾ قائم پرائمري اسڪول جي حالت انتهائي خراب هجڻ سبب شاگردن جي تعليمي سرگرمين ۽ تدريسي ماحول بابت ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي

اسڪول جي خراب حالت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب شاگردن توڙي سندن والدين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

بدين (رجب راهمون) سيراڻي روڊ: ڳوٺ عيدو چانگ جو پرائمري اسڪول زبون حالي جو شڪار، ايس ايم سي فنڊن جي استعمال بابت سوال اٿي ويا، تعليم کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو سيراڻي روڊ پرسان ڳوٺ عيدو چانگ ۾ قائم پرائم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21



جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نئين چونڊيل امير الله بچايو هاليپوٽو جي حلف برداري تقريب

جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نئين چونڊيل امير الله بچايو هاليپوٽو جي حلف برداري تقريب جامع مسجد اقصيٰ، ڪوسڪي روڊ بدين ۾ منعقد ٿي

جنهن ۾ جماعت اسلامي جي برادر تنظيمن جي ذميوارن، معزز شهرين ۽ جماعت جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

انشاءالله جماعت جي اعتماد تي پورو لهڻ ۽ دين جي خدمت لاءِ پنهنجيون سموريون صلاحيتون استعمال ڪندو

بدين (رجب راهمون) : جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نئين چونڊيل امير الله بچايو هاليپوٽو جي حلف برداري تقريب، شهر جي معززين ۽ جماعت جي اڳواڻن جي شرڪت جماعت اسلامي ضلعي بدين جي نئين چونڊيل امير الله بچايو هاليپوٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

تقريب حلف برداري - امير جماعت اسلامي ضلع بدين
نومنتخب امير الله بچايو هاليپوٽو 2028-2026
جماعت اسلامي ضلع بدين

عوام راڄ تحريڪ جي سربراهه اقرار الحسن جي ضمانت منظور

اقرار الحسن تي سوشل ميڊيا ذريعي مبينا طور رياست مخالف مواد پکيڙڻ جو الزام آهي

عدالت اقرار الحسن کي 2 لک رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مقامي عدالت عوام راڄ تحريڪ جي سربراهه اقرار الحسن جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. اقرار الحسن کي اين سي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب23

ميرپورخاص ۾ ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ 26 ورهين جي فرزانا مري قتل

پاءُ سميت 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود گرفتاري نه ٿي

متاثر عورت مڙس ۽ 6 ورهين جي نياڻي جي جان بچائڻ لاءِ تحفظ گهرڻ لڳي

ورديءَ جو ناجائز فائدو وٺي علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙي رهيا آهن. متاثر عورتن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ:) سنڌ ۾ ڪاروڪاريءَ جي رسم جي خاتمي لاءِ حڪومتي ادارن ۽ سماجي تنظيمن جون ڪوششون ناڪام بڻيل، ميرپورخاص ۾ ڪاروڪاريءَ جي الزام هيٺ هڪ ٻي نوجوان ناري کي گولين هڻي قتل ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

سنڌ ست ڪروڙ عوام جو صوبو آهي، سنڌ جو هر فرد پنهنجي ڌرتيءَ جو محافظ آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جي بقا لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، سنڌ خلاف ڪنهن به سازش کي برداشت نه ڪيو ويندو

جيڪڏهن ڪو به سنڌ ڏانهن ميري اک سان ڏسندو ته سنڌ جا ست ڪروڙ ماڻهو ان جو ڀرپور مقابلو ڪندا

مير غلام علي پارڪ روڊ تي 29 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ رٿيل جلسي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ منعقد ڪيل عوامي جلسي کي خطاب

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان: سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ ست ڪروڙ عوام جو صوبو آهي، سنڌ جو هر فرد پنهنجي ڌرتيءَ جو محافظ آهي ۽ سنڌ جي بقا لاءِ هر قسم جي قرباني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ماتلي جا رهواسي هڪ کان چار اسڪيل جون نوڪريون وٺي ڏيڻ بهاني لکين رپيين جي فراڊ خلاف احتجاج

ذيشان چيڙهڪ کان چار اسڪيل جون نوڪريون وٺرائي ڏيڻ بهاني مختلف وقتن تي اسان وٽان ڄڻن کان تقريبن 51 لک رپيه ورتا آهن

اسان هاڻ جڏهن پئسا واپس گهري رهيا آهيون ته اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن ڪجهه وقت پهرين حاجي سانوڻ تي حاجي هاشم ڪوسو فيصلو ڪيو

اهڙي لکت به اسان وٽ موجوده آهي پر افسوس جو ان فيصلي تي به عمل نه ٿي سگهيو ۽ اسان کي رقم واپس نه ٿي سگهي

ماتلي (رپورٽر) راڄو خاناڻي لڳ ڳوٺ پدمو ڪولهي جا رهواسي هڪ کان چار اسڪيل جون نوڪريون وٺي ڏيڻ بهاني لکين رپيين جي فراڊ خلاف ڌانهينڊي سنڌ پريس ڪلب ماتلي پهچي ويا ميڊيا سان ڳالهائيندي لڇمڻ ڪولهي ، ماوو ڪول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سڄيون ڳوٺ حاجي نبي بخش ڪوري جي رهواسين جو بااثر شخص خلاف احتجاج

بااثر شخص تسليم ڪوري، جيڪو ٽائيم نيوز جو سڄيون ۾ رپورٽر آهي، اٺ ڏينهن اڳ مختيار علي جي گهر کي باهه ڏئي ڇڏي

جنهن جي نتيجي ۾ گهر ۾ پيل هنڌ، وهاڻا، ڪتون، روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو

سڄيون پوليس چوڪي تي رپورٽ داخل ڪرائڻ باوجود تسليم ڪوري مبينا طور صحافت جي آڙ وٺي اسان خلاف سوپوديرو ٽائي تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي

سڄيون (رپورٽر) سڄيون ڳوٺ حاجي نبي بخش ڪوري جي رهواسين جو بااثر شخص خلاف احتجاج، گهر کي باهه ڏئي سامان ساڙڻ ۽ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جا الزام سڄيون لڳ ڳوٺ حاجي نبي بخش ڪوري جي رهواسين سعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سڄيون ڳوٺ حاجي نبي بخش ڪوري جي رهواسين جو بااثر شخص خلاف احتجاج ڪندي

قمبر ۾ قومي شناختي ڪارڊ ۽ ووٽر رجسٽريشن منصوبي تحت پروگرام

قمبر (رپورٽر) عورتن کي قومي شناختي ڪارڊ ۽ ووٽر لسٽن ۾ رجسٽرڊ ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

مٺي ۾ غيرقانوني آتشبازي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو اعلان

مٺي/ٿرپارڪر:(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سانگهڙ ۾ رئيس الهوسايو مري دل جي دوري سبب فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو

الهوسايو مري جو وڇوڙو، غريبن، يتيمن ۽ بي سهارن کان ڄڻ هڪ مضبوط سهارو کسجي ويو

مسڪين خاندانن جي مدد ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو هو ۽ ڪيترن ئي ضرورتمند خاندانن ۾ باقاعدگيءَ سان راشن ورهائي سندن ڏکيائين ۾ ساٿ ڏيندو هو

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جو مشهور ۽ معروف شخصيت رئيس الهوسايو مري دل جي دوري سبب فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو الهوسايو مري جو وڇوڙو، غريبن، يتيمن ۽ بي سهارن کان ڄڻ هڪ مضبوط سهارو کسجي ويو اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪندڙ الهوسايو مري پنهنجي انسان دوستي، سخاوت ۽ سماجي خدمتن سبب علائقي ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکندو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30



قلجي چيمبر آف ڪامرس جي تنظيم سازي مهم جاري

واپارين چيمبر آف ڪامرس جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ ۽ تنظيم کي مضبوط بڻائڻ جو عزم ورجايو

ڪاروباري سرگرمين جي بهتري ۽ تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

قلجي اسٽيشن (رپورٽر) قلجي اسٽيشن: چيمبر آف ڪامرس قلجي جي صدر نظير احمد چانڊيو پاران تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ شهر جي ننڍن توڙي وڏن واپارين ۽ دڪاندارن سان ڏار ڏار ملاقاتن جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31